ريشم جهڙا خواب

(شاعري)

وشال امير

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ريشم جهڙا خواب

(شاعري)

وشال امير

راول پبليڪيشن خيرپور ميرس

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

سمورا حق توڙي واسطا شاعر وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب جو نالو:	ريشم جهڙا خواب
موضوع:	شاعري
شاعر:	وشال امير
ڇاپو:	پهريون
تعداد:	500 ڪاپيون
سال:	جنوري 2009ع
لي آئوٽ:	سعدالله پيتو
ڇپائيندڙ:	راول پبليڪيشن خيرپورميرس
مُلهه:	100.00 روپيا

Resham Jehara Khuwab (Poetry) Written BY: Wishal Ameer
Published By: Rawal Publication Khairpur Mirs
First Edition: January2009
Price: 100/-

Address: Gani Public Model School Kolab Jial

رابطي لاءِ موبائل نمبر:03003183018

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ارپنا

سيني حاصل ،لاحاصل محبتن،

سنڌڙيءَ جي سونهن

ٿڌڙين هوائن،

سمنڊ جي ڇولين،

سفيد بادلن،

ڪلاسيڪل موسيقي،

پريم گيت،

چنڊ جي چانڊوڪي،

گلاب ڪلين ،

خوشبوءِ

شبنم،

سج ڪرڻن،

۽

پوپٽ رنگن جي نالي.

وشال امير

03003183018

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

اداري پاران

راول پبليڪيشن جي اها ئي ڪوشش آهي تہ سنڌ جي سرموڙ ليکڪن جا ڪتاب پڙهندڙن جي خدمت ۾ گفت ڪري ، ان حوالي سان هن کان اڳ ۾ اسان سنڌ جي سرموڙ ۽ ناmiاري شاعره سانئڻ شبنم چانڊيو جو ڪتاب ڇپرائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو آهي ۽ اڳتي بہ اميد آهي تہ سنڌ جي نهايت ئي سگهارن شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن جي پورهئي کي ڪتابي صورت ۾ توهان پڙهندڙن آڏو آڻڻ جو اعزاز ماڻيندي راول پبليڪيشن جو اشاعتي سفر جاري رکبو.

نوجوان شاعر وشال امير جو شمار پڻ سنڌ جي سُريلن سرجڻهارن ۾ ٿئي ٿو ۽ هن کان اڳ سندس هڪ ڪتاب ڇپجي ختم ٿي چڪو آهي، جيڪا ڳالهہ اها گواهي ڏئي ٿي تہ هن محبتن جي شاعر سان پڙهندڙن جو لڳاءُ آهي.انلاءِ راول پبليڪيشن خيرپور پاران نوجوان شاعر وشال امير جو شعري مجموعو ريشم جهڙا خواب ڇپائيندي اسانکي نهايت گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ۽ اسانکي اميد آهي تہ جهڙي ريت وشال امير جي پهرئين غزل ڪتاب کي پڙهندڙن وٽان موٽ ملي آهي ان کان وڌيڪ سٺي موٽ هن ٻيري سندس هن شعري مجموعي کي بہ ضرور ملندي .

پبلشر

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

(مهاڳ)

پيار ۽ خوبصورتيءَ جو شاعر

ازل کان ئي انساني جيون ۾ ادب جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو رهيو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته فطرتي طور اِنسانُ پنهنجن خيالن، تصورن، جذبن، خوشيءَ توڙي ڏک جي لمحن کي اِظهارڻ جوعادي رهيو آهي. اُنهن احساسن کي، جنهن سان ذهني طور هلڪائپ جو احساس ٿيندو هُجي،سُهڻن لفظن، استعارن، تشبيهن ۽ محاورن ذريعي بيان ڪرڻ کي ادب جو نالو ڏنو ويو آهي.

جيتوڻيڪ ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن مان گهڻن جي ٻولي، ثقافت توڙي رهڻي ڪهڻي غرض ملڪن جون سرحدون ئي الڳ الڳ آهن. پر انساني اندر جي احساسن جي ٻولي هميشه ساڳئي رهي آهي...پيڙائن، ٻوڳنائن جو سفر هُجي يا مجازي محبوب جو جلوو پسڻ واري سرشاري اهي سڀ احساس ڀلا ڪٿي مختلف هوندا آهن؟. ديومالائي قصا هُجن يا يوناني ڏندڪٿائون، عربي ادب هُجي يا يورپي توڙي ايشيائي ادب جنهن ۾ اسان جو سنڌي ادب ڏيئي جي لاٽ جيان موجود آهي. احساس هميشه

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ساڳيا ئي نظرجن ٿا.

ادب جا چاڙهو ادب کي ٻن مکيہ حصن ۾ ورهائن ٿا. جن مان هڪ حصو نثر آهي جنهن ۾ تاريخ، ناول، ڊرامون، ڪهاڻيون. قصا وغيره شامل آهن ۽ ٻيو حصو وري شاعري آهي جنهن جون ڪيئي صنفون مختلف ٻولين ۾ ملن ٿيون. سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ سنڌي ادب هميشہ کان مالا مال رهيو آهي. ٻوءِ اهو دور ورهاڱي کان اڳ جو هُجي يا وري 1947ع کان پوءِ جو. سنڌ جي شاعرن پنهنجي سڄڻ ۽ ساٿيهہ کي خُوب ساراهيو آهي. اهڙن شاعرن مان "وشال امير " بہ هڪ آهي جنهنجو ٻيو شعري مجموعو " ريشم جهڙا خواب " پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ مستقبل جي رومانوي شاعرن واري فهرست ۾ سندس نالو لڪيل نہ رهندو.

"ريشم جهڙا خواب "ڪتاب جو نالو پڙهندي ئي محسوس ٿئي ٿو تہ اِها خالص رومانوي شاعري رچيل هُوندي جنهن ۾ محبوب جي زلفن. ادائن ۽ يادگيرين جا عڪس چٽيل هوندا. پر رڳو ائين بہ ناهي، هتي تہ سماج جي بي حسي، ڪوڙين ريتن، ذاتي مفادن لاءِ اپنايل منافقين. عزت جي ڪوڙي چادر اوڙهي پٿر ٻٽيل احساسن جو آئينو بہ چٽيل نظر اچي ٿو. جيئن وشال سماج جي بيحسي بيان ڪندي چوي ٿو:

پٿر دلين وارا ماڻهو
چڻ پٿر جا ديوتا آهن
سي ڪيئن صدا مُنهنجي ٻُڌندا
جن کي جيئري ماڻهوءَ جو
رت قربانيءَ ۾ گهُرجي ٿو!

جيتوڻيڪ وشال امير ڌرتيءَ تي وسندڙ آدمين جي دکدائڪ روين جو ڏک ۽ ڪاوڙ پريو اظهار پنهنجي نظمن "حرامي ٻار"، "ناچڻي " وغيره ۾ ڪري ٿو، پر هُن ڌرتيءَ جي سونهن مثال طور: سرنهن جي گُلن، اُتر واءُ، چند تارن، پوپٽن، اندلٺ رنگن، سمنڊ ڇولين، سُرمئي شام وغيره کي بہ ناهي وساريو ۽ هُو ڌرتيءَ ڏٺين کي ڪاميابيءَ جي منزلن تي ڏسڻ چاهي ٿو ۽ اِن ڪاميابيءَ لاءِ هُو آزاديءَ جي جذبي جو سهارو وٺي ٿو:

هُو تہ ڏسُ! سِجُ نئون اُڀري ٿو
اُٺ تہ هلون تيزتيز تيزتيز
آزاديءَ جي منزلن ڏي ڪاهيندا

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

آزادي ديس جي خاطر وٺڻ
آزادي محبتن سنڌي ماٺڻ

۽ اڳيان ايندڙ سِٽن ۾ شاعر جو حوصلو اچا وڌندو پيو وڃي . تڏهن تہ چوي ٿو:

ميدان جنگ ۾ جي اگر مان پيم مري
لاش منهنجي لاءِ توکي وڙهڻو آ.

سچ بہ اهڙن سُورمن جي ديس جي ڌرتيءَ کي هميشہ گهُرج رهي آهي، تڏهن ئي وشال آزاديءَ جي راهہ ۾ وڙهندي مرڻ کي جيئري رهڻ مثل ڄاڻي ٿو:

پاڻ ٻئي آزادي وٺڻ تا هلئون
آزادي جا ماري جِياريندي آهي

آزاديءَ جي راهہ تي هلڻ دوران هي شاعر سچ توڙي سچڻ کي ساڻ ساڻ کڻي هلڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، تڏهن تہ چوي ٿو:

آزاديءَ جي ڏِنگن ڦڏن پيچرن تي
آزادي ماڻڻ تائين هلندا رهئون
سچ جو هي ديوتا ڏِس
پاڻ سان گڏ تو هلي
جيڪو تو ۽ مون جيان ئي
آزاديءَ جو عاشق آ
جيئن مونکي تون ٿي چاهين
۽ توکي مان تو چاهيان
هُوبهو ئي تيئن هي
سچ تو آزاديءَ کي چاهي.

وشال امير پنهنجي شاعريءَ ۾ ديس جي محبت سان گڏ غم جانان کي بہ ساڻ ساڻ کڻي هلندي ڏسجي ٿو. جنهن ۾ هُو ماضيءَ جي رقابتن . قربتن ۽ سنگمن کي سارينديِ ڏک ۽ خوشيءَ جي پُرڪيف مرحلن مان تہ گذري ٿو. پر محبت جي مُقدس جذبي کي خواهشن جي جار ۾ نئو وڪوڙڻ گهُري، تڏهن چوي ٿو:

جان مان شاهجهان بادشاهہ جيان
ڏاڍ ۽ ظلمتن جو زور ڏئي

ڪنهن به مزدور جي پگهر، رت سان
ڪنهن به محلات جي ها پيڙهه رکي
غريب ڪنهنجي محبت کي مٺي
مان لڄائڻ نٿو هرگز چاهيان

جيتوڻيڪ وشال محبتن جو تاج محل اڏڻ لاءِ ظلمتن کي ٺڪرائي ٿو پرمحبوب جي گهر کي ڪنهن مندر سمان سمجهندي چوي ٿو:

مندر تُنهنجو گهر مٺي
ديوي تو چيُم
عبادت پوري ٿيم

وشال ڪائنات ۾ پاڻ کي مُسلسِل اڪيلو سمجهندڙ "وشال امير" تنهائيءَ جي عذاب کي ڀوڳيندي ڀوڳيندي چڻ ته بيزارٿي چُڪو آهي:

جيون رات سفر
مونسان ڪوته هلي
تنهائي ڏائڻ آهي

تنهائيءَ کي ڏائڻ سان تشبيهه ڏيڻ سچ به هڪ انوکي تشبيهه آهيءِ اهڙيون ٻيون به نيون ۽ انوکيون تشبيهون شاعر اڪثر استعمال ڪيون آهن جيڪي سنڌي ادب ۾ نواڻ آهي جيئن: خواهشن جو گارو، اميدن جون سرون، عقيدن جي مِٽي وغيره جهڙيون تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪري وشال پاڻ کي جدت پسند نمائنده شاعر ثابت ڪيو آهي. جيئن هُو سنڌ جي سُورن کي هِن ريت بيان ڪري ٿو:

ڪراچيءَ جي ماڳ ۾
ڪوئي جو ڪُتو
پتائي روئي پيو

واين ڪان هتي وري هي هائيڪو به ڏِسو:

او! هوشو جرنيل!
ڪيڏو توکي ساريو آ
تُنهنجي ڌرتيءَ هيل!

هائيڪو جيان بيتن ۾ به وشال خوبصورت خيال پيش ڪري ٿو. جيئن

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

دهشتگردي ۽ قبائلي فسادن کان نفرت ڪندڙ هي اَمن جو شاعر چوي ٿو:

قلم کڻي دوستو! امن لاءِ سوچيو

ذهنن ۾ پوکيو، پوکون رڱو پيار جون

۽ هڪ خوبصورت شعر جو انداز هي بہ آهي:

ڏاڙهون گل ڦلارئا، ميندي‌ءَ ڪئي مهڪار

پرين تُنهنجي سار، وِجهي وڍ وُجود ۾.

"ريشم جهڙا خواب " ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو تہ شاعر زندگي‌ءَ جي اُنهي‌ءَ دور مان گذري رهيو آهي جتي روحاني اڪيلائپ، دلي ويڳاڻپ، سياسي لاوارثيت ۽ وجودي غلاميت جي صليب تي لٽڪائي زندگي ڪانئس جيئڻ جو سُودُ وصول ڪندي هُجي..... ۽ وشال جڏهن احساسن جا صليب ڍوئي ڍوئي، جيئڻ جو سُودُ ڏئي ڏئي، موت کي ويجهڙائي‌ءَ کان پرکڻ جو هيراڪ بڻجي ويو آهي ۽ اهڙيون ڪيفيتون رکندڙ آس ۽ نراس جي سرحد تي بيٺل وشال لاءِ پوءِ بہ هي‌ءَ راءِ جُڙي ٿي:

Vishal Ameer seems us in his poetry book "resham jahra khu-wab" complete romantic poet; a poet of love and beauty.

مارئي ابڙو

17 ڊسمبر 2008ع

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

(تاثر)

هڪ ڪالم نگار.... هڪ شاعر....!!

اسان ننڍڙا ۽ ڪچا ذهن رکندڙ ماڻهو....جيڪي دراصل...پنهنجي ئي دردن جو درمانَ ڳولهڻ لاءِ نڪتل هُوندا آهيون.... سي نہ ڄاڻ ڪِتي.... ۽ ڪڏهن ....لفظن جي آڌار....هڪبئي سان... ڪيئن ۽ ڇو...؟ ۽ ڪهڙي طرح ملي ٿا وڃون...؟ ۽ پوءِ لکڻ جي حوالي سان ڪنهن ناتي، رشتي منجهہ ٻڌجي ٿا وڃون.....؟خبر ئي ڪانہ ٿي پوي..... پر اسان جو "فقيرن" وارو لڏو اڪثر ڪري هڪبئي سان ڪجهہ لکڻ جي حوالي سانtouch منجهہ رهي ٿو ..... ۽ اسان شايد ...... هڪ ٻئي جي لاءِ.... سُٺا دوست ۽ همدرد بہ ثابت ٿي سگهون ٿا..... ۽ شايد ثابت ٿيا بہ آهيون...!! مونکي حيراني اُن مهل ٿي جڏهن .... مونکي ڪنهن پنهنجو دوستَ سمجهي حُجت منجهان اِهو چيو تہ.... "اوهان منهنجي لکڻين متعلق ڪجهہ لکو......" تہ مون ڪافي ڏينهن... ۽ لمحا اِن پريشانيءَ ۾ گهاريا تہ ..... ڪنهن صاحب ڪتاب تي ....محض ڪجهہ لکڻين لکڻ وارو، ڇا لِکي سگهندو....؟ اُن فرمائش پُوري ڪرڻ ڪانپوءِ ... اُنهيءَ دوست جي آڌار ۽ مهربانيءَ سان..... مان هڪ ٻئي ليکڪ جي لکڻين تي....... لِکڻ جي جسارت پڻ ڪري رهي آهيان........!!

"وشال " نالي ٻُڌڻ ۽ پڙهڻ سان...... سموري ڪائنات جو حُسنَ ۽ جمال.... زمين .... آسمان ... آڪاش ... سمنڊ .... ۽ سمورا اِندلٺي رنگن سندا رنگ ..... هِن وشال من ۽ اکين تي ڪنهن خوبصورت منظرجيان لهي اچن ٿا ..... ۽ هِن " وشال" جو ڪمال وري اِهو بہ آ تہ هيءَ "امير" پڻ آهي ..... ورنہ اسان جي شاعرن واري لڏي ۾...... اڪثر ڪري ...... " بيوس، غريب، لاچار ۽ اُداس" پڻ هُوندا آهن..... ڪنهن سباجهڙي ۽ سادي دوست هٿان جڏهن وشال امير جو پهريون غزلي مجموعو "نشانا ڇين جا" مليو تہ سوچيو بہ ڪونہ هو تہ وشال لاءِ مان بہ ڪجهہ لکندس......!!

دراصل مان پهرين "وشال " کي سندس ڪالم لکڻ واري حيثيت سان سڃاڻڻ جي دعويٰ ڪري سگهان ٿي ۽ اِها ئي ڳالهہ آهي تہ هُو شاعري ڪندڙ بہ نڪتو آهي، ورنہ مان سندس ڪالم نويس واري حيثيت کان ئي واقف هُجان ها ..... سندس لکڻين کي پڙهي، اِهو اندازو ڪري سگهان ٿي تہ .... اوهان کي ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻنهہ نئون يا ڪو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

نوجوان ليکڪ کا اهڙي سَهڻي شئي ڏيئي وجهي ٿو جهڙي ڪڏهن ڪڏهن ڪو وڏو ۽ سينئر ليکڪ بہ ناهي ڏيئي سگهندو. "وشال " جا خيال، ويچار ۽ سوچن جا سوين سچا جذبا سندس کي سندس عُمرڪان وڌيڪ وڏو ۽ مانائتو ڪري پيش ڪن ٿا.... هُونئن بہ جي اگر سندس تصوير ڏِٺل نہ هُجي تہ......... مان سندس کي موئن جي دڙي جيترو تہ ڪٿي نہ ٿي سهي پر ....ڪُجھ ڪُجھ جُهور ضرور سمجهان ٿي......۽ هِتي مونکي سندس پهرئين ڪتاب مان سندس هي خيالُ نهايت پرفيڪٽ ۽ سيبتو لڳي ٿو:

ٿي ويم پوڙهو ،سنهنجي اندر ويٺل تہ بہ هِڪُ بارُ
جيڪو چاهي توکي پارايان مان ٻانهُن جو هارُ.

زندگيءَ منجھ ڪيئي واقعا ۽ حادثا اوهان کي رُوحاني طور بلڪُل بيوس ۽ لاچار ڪري ٿا ڇڏين.........ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ئي حادثا ماڻهوءَ کي يا تہ ڏاهي ٿا ڇڏين.....يا ناهي ٿا ڇڏين.....يا وري ٻنهہ ماري ٿا ڇڏين......!! "خودڪشي " منهنجي نظر منجھ اِنتهائي بُزدلاڻو عمل آهي....... ۽ هِتي ڪنهن ڪنهن شعر منجھ مونکي "وشال " جي اندر جو شاعر سندس کي اِن بُزدلاڻي عمل ڏانهن گهڻو مائل ڪري، ڪجھ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل پڻ نظر آيو آهي......۽ هِتي ئي مون ڪافي نوجوانن خاص ڪري شاعرن کي مايوس ٿيندي گهڻو ڏِٺو اٿم...... ۽ هِن نوجوان کي خاص تنبيھ ٿي ڪرڻ چاهيان تہ...... " مايوسيءَ جي ڪُن مان لفظن کي ٻاهر ڪيڍڻ جي ڪوشش ڪريو ...." چوتہ "رب پاڪ " ذات جي جيڪا ڪجي ڦِڪي سگهہ ادا ڪئي آهي، اُن سان اسان ٻئي ڪنهن جي ويڙھ وڙهون نہ وِڙهون.....پر ذاتي ويڙھ نهايت ئي سُهڻي انداز سان وِڙهي سگهون ٿا.... مان هُجان يا ڪو

بيو..... پر اسان حقيقتن دل جي نظر سان اِهو شاندار ۽ دلفريب منظر ڏِسڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪيون، جيڪو دراصل اسان جي اکين آڏو بلڪُل سامهُون آهي....... ڪاش اِئين ڪيون تہ ڪوڙ ساريون اکيون ۽ دِليون هِن مايوسيءَ جي چارمان آسانيءَ سان نڪري سگهن ٿيون.... هُونئن بہ دُنيا پڳت ڪبير جي هِن شعر مِثل آهي تہ:

يہ تو گهر هي پريم ڪا،خالہ ڪا گهر نانهہ
سيس اُتاري ڀوئين دهري، تب پيٺي بيٺي گهر مانهہ

"هي محبت جو گهر آهي، ڪنهن ماسيءَ جو گهر ناهي، جيڪو هِن ۾ داخل ٿيڻ چاهي، پهريون سِر جو سانگو لاهي ڀوءِ ڀلي اچي."

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

"وشال "پنهنجي دُنيا ۾ لفظن سان جيڪا جنگ جوٽي آهي، تنهن لاءِ سندس ڪي ٽڪجڻو ٻه ناهي ۽ نه ئي هارائڻو آهي، اُن ڪي ۽ اُن جهڙن ٻين دوستن کي قُدرت ڀلاران عطا ڪيل جيڪا ٻه ذات آهي....... سو .....سچائيءَ سان هن ڌرتيءَ لاءِ قرض سمجهي ۽ فرض پڻ چُڪائڻو آهي..... ۽ "وشال " منجهان ته اڃا ٻه اُميد سندس نالي جيئڻ وسيع ۽ گهڻي آهي...... انلاءِ سندس کي وڌيڪ جاڳوڙڻو آهي...... اهو درد جيڪو هُن عينڪ جي شيشن منجهان وڌيڪ چِٽو پسيو ۽ ڏٺو آهي، اُن ڪي لفظن منجهه اڻين ڳڏائي پيش ڪري جيئڻ...... مڏ ڪي پاڻيءَ ۾ ملائي اُن جي اثرڪي وڌيڪ وڌائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي...... تيئن "وشال " کي اڃا ٻه..... اڃا ٻه...... گهڻو..... اوڪو پنڌ..... ڪنڌمٿي ڪٽي طئه ڪرڻو آهي....... ۽ مان سندس کي ...... ۽ سندس جهڙن ٻين ليکڪن کي نِراس ۽ مايوس هرگزنٿي ڏِسڻ چاهيان........۽ سندس کي هِن شعر جيئان ته ڏِسڻ مان هرگزنه چاهيندس ته:

پنج فوٽ ڇهه انچ ، قبر ڪوٽن ٽا،
سپنا مري ويا، اڪين سان گڏ اوچتو

۽ سپنا... زندگيءَ کي محرومين ۾ اُڇلائين ضرور ٿا.... پر ڪي سپنا... زندگيءَ جو حاصلُ هُوندا آهن ... ۽ حاصلُ... لاحاصل پنيان ڊُڪندو ڊوڙندو رهندو آهي ۽ جيئاريندو ٻه رهندو آهي... بس... جيئڻ جو وِلولو ... ۽ جُستجو هُئڻ گهرجي... پوءِ پل سپنن پويان ٿي ڪٽي جيئجي... ڇو جو سپنا ساڀيان ماڻيندا آهن....موت......محبت.....رنگ... خوشبوءِ زندگيءَ جون سڀئي علامتُون..... وشال وٽ آهن:

زندگي آ توبنا، رُڃ جو چِڻ احساس ،
وري تنهنجو واسُ گيت گلابي مند جو

يا وري هي خيال ڪٽي ڏِسجي:

سال نئين ۽ ملينيم ۾ ،هجون سڀ آزاد
پنهنجو پيار ۽ پنهنجي ڌرتي، عالم سڀ آباد

اهڙي آرزوءَ جو...... جوان بلڪ نوجوان هُجڻ ضروري آهي........ها تنهنڪري ته پوءِ...... ان جي تڪميل تائين پهچڻ جي .... دُعا ...... ضرور ڪنديس.

فوزيه بانو

22 ڊسمبر 2008ع

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

مان ڪجھ بہ ناهيان!

مان ڪو سنڌ جو ڏاهو شاعر ناهيان... جو دعويٰ ڪيان تہ مون شاعريءَ جو بار ڪُلهن تي کڻي سنڌي ٻوليءَ تي ڪو احسان ڪيو آهي، بلڪ مان پاڻ احسانمند آهيان هِن ٻوليءَ جو جنهن مونکي اظهار جي سگهہ بخشي آهي، ۽ انهن پڙهندڙن جو پڻ مون تي احسان آهي جن جي محبت هيءَ هڪ نئين وِک کڻڻ لاءِ اتساهيو آهي. مان پنهنجي لاءِ ڇا لکان ؟ بس اِهو ئي تہ مان نہ هندو آهيان..... ۽ نہ عيسائي ، ۽ مان مُسلمان تہ آهيان پرانتهاپسند ناهيان، ان لاءِ مون کي پنهنجو نالو وشال امير گهڻو پسند آهي. ۽ ها! منهنجي هِن نالي سان منهنجي خاندان وارن کي اختلاف بہ گهڻو آهي ۽ هُو اڪثر مونسان نالي تبديل ڪرڻ لاءِ ضدُ ڪندا آهن پر مونکي الائي ڇو مڪمل طور وڏن کان مليل سڃاڻ وارو ليبل لڳائي گهمڻ پسند ناهي، انلاءِ مون ڀرئين بغاوت ڪندي پنهنجي سُڃاڻ امير باغي طور ڪرائڻ چاهي هُئي ، پر اڳتي هلي مونکي وشال نانءُ ڏاڍو پسند آيو هو ۽ مان ٻڌجي ويو هُئم وشال امير، پوءِ وشال امير طور مون پنهنجي دوستن جو هڪ حلقو ٺاهيو هو، پنهنجي سُڃاڻ ٺاهي هُئي ، پر اڄ اهوئي وشال امير هوندي بہ الائي ڇو مان ڀانيان ٿو تہ مان ڪُجھ بہ ناهيان، بس ڄڻ مان هڪ وکري ويل وجود بڻجي ويو آهيان.

مان ڇو وکري ويو آهيان ، مون شاعري جي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي سفر ڪندي ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو آهي ؟ مون ڪڏهن ويهي اهڙو جوڙ ، ڪٽ وارو ڪاٿو لڳايو ئي ناهي. مان محبتن جي راهہ جو راهي آهيان ان راهہ تي هلندي ڪڏهن ڪڏهن ڏات جي ديوي مون تي وڙ ڪري ويندي آهي تہ جيءُ هلڪو ٿي پوندو اٿم، نہ تہ مونکي ڪو شاعر سڏرائڻ جو اجايو شوق هرگز ڪونهي، اهڙو اظهار ڀريون بہ ڪري ڇڪو آهيان، جنهنڪري مون خيالن کي هن ڀيري بہ لفظن جي تورتڪ واري قيد کان آزاد رکيو آهي، البتہ منهنجي هِن مجموعي ۾ توهان اهو ضرور محسوس ڪندئو تہ مان مهان ڪوي شيخ اياز ۽ سائين اياز گل توڙي ادل سومري کان انسپائرآهيان تہ پوءِ يقينن اهو مونلاءِ هڪ اعزاز ئي هُوندو، ڇو جو مون انهن شاعرن جي شاعري پڙهندي گهڻو ڪُجھ پرايو آهي.

وشال امير

اردو ادب جي ڪجھ نقادن جو ھي خيال آھي تہ" فن شعوري ھوندو آھي پر نئين شاعري جڻ ڪو خواب ھجي ٿي". مان سوچيان ٿي شاعر ماڻھو ڪيترو بہ چاھي تہ ھُو پنھنجي طبيعت تي حاوي احساسپڻي مان نڪري، لاپرواھيءَ واري زندگيءَ کي بصر ڪندي،اُن عام ماڻھوءَ جھڙو ٿي پوي، جيڪو پنھنجي زندگيءَ جي ھر موڙ تي احساسيات کان مُنھن موڙي اک ٻيڏ ڪندو رھي ٿو ۽ پاڻ کي شرافت جي اطلس ۾ ڍڪي ڪنھن بہ وارتا ۾ ملوث ھجڻ کان آجو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر "وشال امير" اُنھن شريفن مان ھرگز ناھي، جن جي دل ۾ رحم نہ ھُجي، اھڙي چاڻ وشال پاران لکيل نظم "حرامي ٻار" مان پوي ٿي، جنھن کي پڙھندي مُنھنجي دل ۾ بہ بي ساختہ اُدمُ مچي ويو ھو ۽ احساس جي شدت ايتري تہ من تي چڙھي ويئي ھُئي جو دل چاھيو پئي تہ سٽ پائي اُن ٻار کي ڳلي لائي ، سمورن رشتن جو پيار اربيندي ھُنکي لڪائي ڇڏيان پنھنجي ٻانھُن ۾. سچ تہ وشال اھا نظم لکي ثابت ڪيو آھي تہ ھُن ڏيھ کي ڏيکارڻ واري شرافت کي ٺُڪرائي، دل ۾ رحم کي ترجيح ڏني آھي، جنھن مان وشال جي ڳڻن جو پتو پوي ٿو. ھونئن بہ مان سمجھندي آھيان تہ انسان جي شخصي ڳڻن جو پتو بہ اُن جي احساسن مان لڳائي سگھجي ٿو.

وشال کان لکيل نظم " محبوبا ڏانھن" پڙھندي بہ محسوس ٿيو تہ ھي شخص واقعي ئي وشال جذبن جو حامل ، فراخ ۽ اوُنھي دل رکندڙ سچاين جي بلند مينار تي بيٺل ھڪ وفادار ۽ سچو عاشق آھي. ھُو اھڙي محبت جو وارث آھي جنھن ۾ ٻين کي نفعو ۽ پاڻ کي نياءَ واري معيار ۾ رکي ٿو.جنھن ڳالھ جو پتو سندس نظم "خودڪشي" مان لڳي ٿو.

دعا آھي تہ شل "وشال امير" ھميشہ ٿڌي چانو جھڙا احساس پڙھندڙن کي تحفا ڏيندو رھي ۽ اسان سندس گلابي احساسن جھڙيون خوبصورت تخليقون پڙھندي ڪيس بھتر منزل طرف ويندي ڏسون.(آمين)

شبنم چانديو

نظم /آزاد نظم /نثري نظم

ريشم جهڙا خواب

مان! پنهنجن

اوجاڳيل نيڻن ۾

ريشم جهڙا خواب

اُڻندو آهيان.

۽

تن سيني

خوابن ۾

توکي گڏ گڏ

ڏسندو آهيان.

پنهنجي ڪنوار

پسندو آهيان.

پوءِ مان سانئڻ ! امن سلامت،

محبت زنده باد جا نعرا سڻندو آهيان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ياد

مون جا توکان ورتي هئي
پيار جي پهرين چُمي،
ڪيڏو يي تون چاهين!
ها ها ! وساري ڪون سگهندينءَ.
جڏهن بہ تنهنجو جيون ساٿي،
مِني توکان مني وٺندو.
پڪ سان ياد ڪندينءَ مونکي،
پڪ ٿي دل ۾ تون ڪڙهندينءَ.
پيار جون ساروڻيون ساري.

☆☆☆☆

اڪيل ڳوڙهو

دل ۾ مزار خواهشن جا...
ريزه ريزه خواب اکين ۾ ...
ڏاڍا گهرا زخم مليا هَنِ.
اهي سيئي ڪنهنکي ڏيکاريئون ؟
ڪنهنکي پنهنجا سُور ٻڌايئون؟
پٿر دلين وارا ماڻهو،
جڻ پٿر جا ديوتا آهن.
سي ڪيئن صدا منهنجي ٻُڌندا؟!
جنکي جيئري ماڻهوءَ جو ،

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

رت قربانيءَ ۾ گهرجي تو،
سي ڪيئن آخر مرهم ڏيندا؟
ڪيئن اسانجا ڳوڙها اگهندا؟
بس هن دنيا ۾ ساتي!
هرهڪ ماڻهو پنهنجي جهول ۾
پيڙائن جا پٽر ڍوئي،
پنهنجو پنهنجو لاش کلهن تي...!!
ڪٺي گهمي تو، پيو رڙهي تو.
مان يي هڪڙو آدم آهيان!
رسمن ڪان سنگسار ٿيل هان!
عيسيٰ جيان صليب ٽنگيل هان!
من ۾ پيڙائن کي پوکي...
ٽَڪيل ٽَڪيل قدمن سان مان!
پنهنجو لاش کنيون وتان تو!
ريت نيائڻ خاطر مان يي،
وڏا وڏا ٿهڪ ڏيان تو!
منهنجي اک ۾ اٽڪيل ڳوڙهو...
هڪ ڏينهن پر ڪِري پوندو،
منهنجو دم نڪري ويندو .
منهنجو دم نڪري ويندو.

☆☆☆☆

امرتا

منهنجن لکيل گيتن تي

هڪ دفعو اچي جانان!

پنهنجن چپڙن مُهر لڳائي،

مٿان اهو لکي وڃ تون

”گيت سيئي منظور ڪيا مون“

منهنجا سارا گيت سکي!

امر پل ۾ ٿي ويندا.

امر پل ۾ ٿي ويندا.

☆☆☆☆

خودڪشي

ان ڪان اڳ جو
توکان ٻڌان!
مان ٿي توکان نفرت ڪيان.
ساهه واري رڳ ٿي
آئون ته ڳهٽي ڇڏيان!
ھي قلم ھٿ ٿي
اڄ ته قتي ڪيان،
۽ وڃي ملائڪن کي
منت ميڙ ته ڪيان،
تن کي آئون ته چوان:
خدا جي واسطي توھان،
ٿورو ٿورو پيار پي...
نصيب ماڻھن ۾ لکو.
جيئن ڪوئي پي نه پوءِ
خودڪشيءَ لاءِ سوچي.

حالات

وري نہ ڪڏهن ملنداسين
دل جليون ڳالهيون نہ ڪر
ها هِت جي نہ ملياسين!
بئي ڏيهہ هلي ملنداسين،
۽ تي سگهي تہ هتڙي!
ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي
اوچتو ملي وڃئون !
جي نہ ڪي ڳالهيون ٿينديون!
اکيون تہ پر آليون ٿينديون!؟
پوءِ سمجهي ويندا سين بئي
هڪبئي لئہ اجان چاهہ آ.
بس حالتن سماج سان
ڪرٽو ئي پيو ناهہ آ.
نہ تہ سُڏڪا سچو ساهہ آ.
وري ملڻ لئہ ويساهہ آ.
تون دل جليون ڳالهيون نہ ڪر!
هڪ ڏينهن ضرور ملنداسين!
پوءِ ڪهڙي پي حالات ۾!!

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

حرامي ٻار

روڊ تتل تي ننڍڙو ٻار
پڇري ۾ سڙي ٿو.
انسانن جي وستيءَ ۾
جيئڻ لاءِ رڙي ٿو.
ڇا هنجي ماءُ ويچاري!
جنميندي ئي مري وئي آ؟!
هن ٻالڪ جي قسمت کان
قدرت ڀي رُسي وئي آ ؟
۽ ڇا هنجو پيءُ ويچارو!
غربت جي چڪيءَ ۾ پيسي
ٻُک مِٽائڻ جي ڪوشش ۾
جيون تان هٿ ڌوئي ويو آ ؟!
يا هنجا ڪي ماءُ پيءُ ناهن::
پر هي ڪو الله تہ ناهي!؟!
جنهنجا ماءُ پيءُ ناهن ساٿي!
ها هي هڪڙو انسان آهي،
جنهنجا ماءُ پيءُ هوندا ليڪن!
سڏبو ٻار حرامي آ، هي!
جنهنکي جڳ ڇڏيو ويو آ
پنهنجو پاپ لڪائڻ خاطر.

ان لاءِ سنگدل دنيا ۾ هي،
پاپين جو اولاد ٿو سڏجي.
هنکي جيئڻ جو حق ئي ناهي
هنکي پنهنجو ڪوبہ نہ ڇئي تو
هنکي ڪائي پيئڻ بہ ناهي!
هنجو ڪوئي پاءُ بہ ناهي!
هن سان جيڪو گڏجي کيڏي
هنجو ڪوئي يار بہ ناهي!
هنکي پنهنجو ڇئي ڳل لائي
اهڙو رشتيدار بہ ناهي!
هنکي نہ ڪٿ پيار ملي تو
هرڪوهن کي ڌڪا ڏئي تو
ڇو جو هيءَ سموري دنيا
آهي شريفن جي دنيا.
شرفائن جون ڪجهہ رسمون َهنِ
جيڪي ڦاسي گهاٽ جيان َهنِ
ڦاسي گهاٽ هي پجندو ڪير؟
هن ننڍڙي جيوت کي ساٿي!
جيئڻ جو حق ڏيندو ڪير؟
اَن داتا َڏس تيندو ڪير؟!
ها مان جو هن دنيا اندر
ڪنهن پي جيوت ڪان اِو ساٿي!
ڪسبو جيون حق ڏسان تو.

پنهنجي منهن ويهي سوچيان ٿو،
ڄڻ هي انسان، انسان ناهن!
گندي نالي جا ڪيڙا َهنِ!
۽ هيءَ پاپي دنيا مونکي،
گند جو ڪوئي ڍير لڳي ٿي!
جنهن ۾ گهمڻ سان هر ڪنهن جا
پرجي ويا ٻئي َپير آهن.
پوءِ ٻه چو ڪو پنهنجا َپيرِ
ڌوئي آخر ڪونه ڇڏي ٿو؟!
وشال ڌرتيءَ جي سيني تان
ڪندا َسوئي چونه ڇڏي ٿو؟!
۽ ڪنهنجن گهرن زخمن تي...
پها آخر چونه رکي ٿو؟!
ڇا هر ماڻهو پٿر جو آ؟
پٿر دليون تن جون آهن،
ائين ته هرگز ڪونه هوندو؟!
ڪنهن ڪنهن دل منجهان ڌڙڪو
اجان اچي ٿو او ساٿي!
اجان ڪي دليون ڌڙڪن ٿيون!
اجان ڪي دليون ڌڙڪن ٿيون!

☆☆☆☆

نو پارڪنگ

پيڙائن جي ديس ۾
هلندي هلندي...
جتي بہ ساهي لاءِ بيٺو آهيان،
اتان ڪنهن...
”نوپارڪنگ“ جو بورڊ ڪڍي،
منهنجي اڳيان...
لهرايو آهي
۽
نہ چاهيندي بہ
مون هلڻ شروع ڪيو آهي
اڳتي ئي اڳتي...
۽ ها! تازو
هاڻي هاڻي!
منهنجي سوچ نگر ساري تي
ڪندا ڦٽڻ لڳا آهن،
منهنجو من اڳر ساروئي
ٽارچر سيل ۽ ٽاٽا ٽيو آ.
جن ۾ مان پيو سزا ڀوڳيان ٿو،
ساهہ کڻان ٿو.

☆☆☆☆

محبوبا ڏانهن

پنهنجي گرپ ۾
پلندڙ پار جو
خيال جانان! گهڻو تون رکجان.
مان ڄاڻان ٿو
چڱي طرح تہ
پار اهو ناهي منهنجو.
ڇو جو ڪڏهن مان توسان،
بلڪل ڪونہ مليو آهيان،
توکي مور نہ ڏٺو آ مون.
پوءِ بہ پيار ڪرڻ جي ناتي،
توسان روح جو رشتو سائڻ!
سالن کنان ڳنڍيل آهي،
تنهنجو هر تخيل ڄڻ تہ
منهنجو ئي تخيل آهي.
ها او پيا! انهيءَ ناتي سان،
تنهنجي گرپ ۾ جو سرجيو آ،
پار سو ننڍڙو منهنجو آ.
ها! ان جو تون خيال رکجانءِ.

☆☆☆☆

تارو

تارا جيڪي آسمان منجهه
لک ۽ ڪروڙين آهن.
پويي مونکي هر هڪ تارو
تنها تنها نظر اچي ٿو.
هڪڙو تارو ٻئي تاري کي
ياڪر ڀري ڪين سگهي ٿو.
مان ٻي هڪڙو تارو آهيان،
هيڏن انسانن جي وچ ۾
مان به اڪيلو ئي آهيان.
مان جو سائين! تنها ويهي...
غزل ،وايون پيو لکان ٿو
ٽم ٽم،ٽم ٽم ڇڻ ٽمڪان ٿو.
۽ ٻڌا! توکي ڳالهه ڏسيان ٿو.
هتڙي هڪڙو چنڊ به آهي!
جيڪو آهي تنها ليڪن!
تارن جي وچ ۾ آهي.
۽ هي تارا چنڊ جي سونهن کي
ويتر ٻيي وڌائن ٿا.
چنڊ سو تون ئي آن سائين!
چنڊ سو تون ئي آن!.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

تحفو

ڪيڏي نہ تون او سانئڻ!
بي رُخي تي پئي آهين.
مونکي وساري ڪيئن نہ
غير تي وئي آهين.
اهو بہ ڪونہ تي سوچين!
تہ تنهنجو هي خانہ بدوش

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

جنهن خواهشن جو گارو،
سِرون اميد جون ڪٽي،
چت پيار واري ناهي،
من پنهنجي ۾ تولئه
ننڍڙو ۽ خوبصورت
گهر هڪڙو ناهيو هو،
تنهن گهر کي ڪيئن هاڻي!
سيلاب اکين مان آڻي
ُهو ڀلا لوڙهي سگهندو؟
هڪڙو ُهنجي اکين ۾
ٻچيو جو ڳوڙهو ناهي!
هن ته سمورا ڳوڙها
توکان جدا ٿيڻ تي
آهن ڏِسُ ڳاڙي ڇڏيا.
ُهنجي نيڻن جي ڌرتي
هاڻي رُڳو بنجر آ.
نه ته لُڙڪ جو هڪڙو
تون ڏي روز ُهو تحفو
پڪ سان اماڻي ها.
پڪ سان اماڻي ها.

☆☆☆☆

مان آڊيوپس آهيان!

چڻ مان آڊيوپس آهيان!
منهنجي وُجود کي
محرومين جا وِچون
۽
ڪارا نانگ
ڏنگ هڻي رهيا آهن.
بدڪار ڳِجهون
ٻوٽيون نوچي رهيون آهن
منهنجي بدن مان.
منهنجو مٿو...
پنواتيون ڪائي رهيو آهي،
مان ڄاڻ ئي آپگهات ڪري،
جيون جي اونچي جبل تان،
ڪري پوندس موت جي گود ۾.

آئون ڏاڍو ٿڪجي پيو هان
سوچن جا ڳرا ڳرا
پٿر هن دماغ ۾ سانديو،
منهنجا ڪلها ڳرا ٿي پيا هن
منهنجن چنگهن مان هوريان هوريان
ساهه ڇڏائيندو وڃي ٿو هاڻي.
آئون ڪرڻ چاهيان ٿو هاڻي،
جيون جي هن اونچي جبل تان.
ها ها ! هاڻي
مان آرام ڪرڻ ٿو چاهيان.
هميشه ۽ هميشه لئه
جنهن ننڊ مان ڪڏهن نه اٿان
اهڙي ننڊ ڪرڻ ٿو چاهيان،
مان اڊيوپس ديوتا آهيان!
منهنجي موت تي
ڪوئي نه روئندو،
ڪنهن به اک ۾ نه ڳوڙهو هوندو
بس جي آئون مري ويندس ته
منهنجو روح آزاديءَ سان،
اُفق جي هوائن ۾
چنڊ ۽ تارن کي ڇهندي
ڌرتيءَ جي وشال گولي تي
اُڏندو رهندو سونهن کي ڏسندي.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

مون سنگ

مون سنگ ڪيئن هلندينءَ ؟
منهنجا ڪل رستا
تولئہ ڏک ڀڃيا.
ڇو جو او سائنڻ!
مونکان ڏات ڏانئڻ
سچ چوائي ٿي.
سچ جنهن منصور کي
سوليءَ چاڙهايو،
مخدوم بلاول کي
گهاڻي پيڙهايو،
سو سچ مونکي ٻي
هڪ ڏينهن مارائيندو
ڏاهي سقراط جيان
زهر پيئارائيندو.
پوءِ تون پريميڪا!
اڌ ٿي رستي تان
مونکان ڇڄي ويندينءَ،
ڏاڍو روئيندينءَ.
انلاءِ بهتر آ
تون بہ هاڻي کان
مونکي وساري ڇڏ
جيئن ٻين وساريو آ.

☆☆☆☆

فيصلو

تنهنجو فيصلو، صحيح آ جانان!
چڱو جيون ساٿي ڪو ڳولهي وٺئي.
مان تہ هڪڙو ڪنگال شاعر هان،
توکي خوشيون ڀلا ڪهڙيون ڏيان ها؟!
مون وٽ تہ خوشين جو ڪو نالو ناهي،
مون وٽ تہ لڙڪ هِن پيڙائون هِن .
تون جو پلئي آن ڪنهن گلِ مثل
ڏکن ۾ ڪيئن مونسان گهارين ها؟
تون تہ چانڊوڪي آهين ۽ سانٺڻ!
تنهنجي چهري تي مرڪ سونهين ٿي.
منهنجي من مان هي دُعا نڪري ٿي،
تُنهنجي چپڙن تي سدا مُرڪ تري،
ڪڏهن نہ ڪوسو ڪوئي واءُ ڏِسين،
جِتي هُجين سدا سکيي هُجين.
ڪڏهن نہ دل ۾ تون پڇتاءُ ڪجان،
مون کي ٺڪرايئي اهو سمجهي ٿيئي
تنهنجو فيصلو، هي صحيح آ جانان

☆☆☆☆

ڪينسر

خيال گهَرجي
سوڙهي بند ڪوٺيءَ واري،
دري کولي.
ڏورِڏسي ٿو
هو سوچي ٿو!
شايد مان بہ بيمار آهيان!
انڪري ئي بي چين آهيان.
پر مونکي مرض آ ڪهڙو؟!
هو سوچي ٿو.
۽
پوءِ ڪيس
ياد اچي ٿو
ڪيس احساس جو "ڪينسر" آ
ها!
هو هڪڙو شاعر آ.

☆

هڪڙو نظم

مُون
هڪ اهڙو
نظم لکڻ چاهيو هو،
جيڪو منهنجن سيني نظمن کان
سُندر ۽ من موهڻو هجي.
۽ پوءِ بس!
پني مٿان مُون
تُنهنجو نانءُ لکي ڇڏيو هو.

☆☆ ☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

نہ تون روئجان...!

زندگي جي اٽانگي
ڏکي سفر ۾
اوچتي اوچتي!
جي ڪنهين موڙ تي،
ساهہ پٽيندي پٽيندي
مان ڳُر تي وڃان.
جان! توکي آ تنهنجي،
سُونهن جو قسم.
ها نہ تون روئجان.
ها نہ تون روئجان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

هل هلون...!!

سمنڊ جي ڇولين جا مڌر گيت ها
چادرون واريءَ جون پيرن جي هيٺان
چانڊني سنگ سنگ اسانجي پَئي گهمي
۽ اسان نيڻن ۾ سرجيا سپنا ٿي
ڪيترا مندر اسان پَئي جوڙ ٿ
هر مندر ۾ بُت تنهنجو ئي هو.
پر اچي ويو اوچتو طوفان هو.
۽ مندر ها سب ٽٽي وکري ويا.
بُت اسان جا پر ثابت آهن اڃان
يا وري هي ٻيو جنم آهي مليو.
جيڪو پي ٿيو وقت سو گذري ويو
آءُ هاڻي نئين سفر تي ٿا هلون
محبتن جا اڻپورا سپنا مني
جت ٽٽا ها، نئين سري کان ٿا اُٺئون
آءُ ته سيني منجهه هڪبئي جي لِڪئون
ڪيتري خاموش ڏسُ هي رات آ
هر طرف سڪتو آ ڪائي سانت آ
تون ئي خاموشيءَ جي هيءَ ديوار ٽوڙ
ٻول ڪوئي گيت منڙو اڄ ته ٻول
مان سنڌءِ گيت کي ٿو ساز ڏيان
پنهنجون رڳون تاڻي ٿو رباب ڪيان.

ڇُو ته ڏس! سڄُ نئون اُڀري ٿو
اُت ته هلون ٻير ميڙڻ ٽا هلون
مان هلي ٿو ٻير کي ڏوٿو ڏيان
۽ تون هيٺان جهول جهلي ٻيهجان
ٻير ميڙي پوءِ ٻئي هلنداسين
آزاديءَ جي منزلن ڏي ڪاهيندا
آزادي ديس جي خاطر وڃڻ
آزادي محبتن سندي ماڻڻ.
اُت ڏاڍي دير ٿي ٿيندي وڃي
اُت ته هلون تيزتيز تيزتيز
تيز هل تون تيزتيز تيزتيز
جيترا وڏا قدم تو مان کڻان
تون به مني! ايترا قدم ته کڻ
او منهنجي مهراڻ موجن جل پري!
تون ئي منهنجي من جي آن مومل چري
پوءِ ڀلا ڇو پوئتان آخر هلين ؟
توکي منهنجي سنگ سنگ ئي هلڻو آ
ميدان جنگ ۾ جي اگر مان پيم مري
لاش منهنجي لاءِ توکي وڙهڻو آ.

ڇو ڀلا تون اوچتو رڪجي وئينءَ ؟!
اڙي! تنهنجي اک ۾ ڳوڙهو به آ
او چري! ڇاجي لئه تون روئين ٿي؟

پاڻ ٻئي آزادي وٽڻ تا هلئون
آزادي جا ماري جيارينديي آهي
هونئن بہ ڏس ! تون جو مونسان گڏ آهين
پوءِ ڀلا ڪيئن مري تو مان سگهان؟
جانِ تون ئي منهنجي آهين زندگي
قدم وڌاءِ قدم وڌاءِ اڳتي هلئون
هُو تہ ڏس هُن جبل جي پوئتان
سج نئون مُک آ پنهنجو ڪڍيو
ڪيتري خوشبو اُتي آ ڌرتيءَ مان
آزاديءَ جي لال پريءَ پاڻ کي
سينگاريو آ رت رڱيل ويس سان
اڄ تہ مني هٿ هٿ ۾ قابو ڏئي
ان جبل جي مٿان ٻئي تا چڙهئون
آزاديءَ جي ڏنگن ڦڏن پيچرن تي
آزادي ماڻڻ تائين هلندا رهئون
سج جو هي ديوتا ڏس
پاڻ سان گڏ تو هلي
جيڪو تو ۽ مون جيان ئي
آزاديءَ جو عاشق آ
جيئن مونکي تون ٿي چاهين
۽ توکي مان تو چاهيان
هوبهو ئي تيئن هي!
سج تہ آزاديءَ کي چاهي.
سج تو آزاديءَ کي چاهي.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

آڪاس تارا

آڪاس تارا اڇي مِڙن تا
پَيا ڪِلن تا، چڻ طنز ڪن تا
۽ مان اڪيلو وينو جو آهيان
پيو سوچيان تہ
يادن ساگر ۾
ٻُڏان تران تہ
ياد اچن تا
اُهي سمورا ڏينهن ساٿي
جن ۾ منهنجي اُداس ٽيڻ تي
اُداس ٿيندي مونکان پڇيو هُئي
”وري تون ڇالاءِ اُداس آهين؟
ڏسين نٿو؟ ڇو خاموش آهين؟“
نہ مون جو توکي جواب ڏنو هو،
پوءِ تون پاڻيءَ گلاس کڻي ڪيئن
مِني اڇي مون مٿان هو هاريو
۽ مون ڪيئي ٽهڪ ڏنا ها
ٽهڪ جن تي آڪاس تارا
جلي ويا ها!

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

۽ ماڻهو سارا باهه وانگي
ٻري پيا ها!
ٿهڪ ڏئي ۽ تنهنجون سڪيون!
توکي هر هر ٽوڪڻ لڳيون هون.
ياد اچن ٿا سي ڏهاڙا
جن ڏينهن ۾
مون تنهنجي پيرن جي مٽي ميڙي
تنهنجي پيرن جي پازيب ڇيڙي
توکي چيو هو او منهنجي جانان !
مونکي نه هرگز ڀُلائجان تون.
سي ڏينهن ساڃيا وري او مِنڙي!
شايد ته ڪڏهين به ورڻا ناهن.
جي ڏينهن ساڃيا وري نه سگهيا
ته منهنجي اداس ٿيڻ تي مونکي
او منهنجي جانان! ڪير پرچائيندو؟
منهنجي ميرن، گهنجيل لَٽن تي
گلاس پاڻيءَ جو ڪير هاريندو؟
پيو سوچيان ٿو
اُپ ڏي ڏسان ٿو
آڪاس تارا اچي مِڙن ٿا
۽ طنز ڪن ٿا
مون تي کِلن ٿا.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

تاج محل

جان! مونکان نہ پڇ تہ مان تولڻ
جا تاج محل کو جوڙي تو سگهان؟
جان! مان شاهجهان بادشاهہ جيان
ڏاڍ ۽ ظلمتن جو زور ڏئي
ڪنهن بہ مزدور جي پگهر رت سان
ڪنهن بہ محلات جي ها پيڙهہ رکي
غريب ڪنهنجي محبت کي مٽي!
ها! لڄائڻ نتو هرگز چاهيان
جان! مان وقت جو بادشاهہ ناهيان.
جان! تون ايئن پي نہ سوچ ويهي
تہ منهنجو توسان ڪوئي پيار ڪونهي.
مونکي توسان تہ گهڻو پيار آهي
تڏهن ئي پنهنجي من ۾ او جانان!
مون عقيدن جي مٽيءَ کي ڳوهي
ڇت - ديوار پيار مان ناهي
هڪ مندر ننڍڙو تنهنجو ناهيو آ
جنهن ۾ بت تنهنجو ئي رکيل آهي
۽ جنهن ۾ مان بہ تنها ئي آهيان.
جان! مان تنهنجي عبادت تو ڪيان

مون ڏيئو ٻاري رکيو آ رت سان
۽ تنهنجو نانءُ لکي ڪاغذ تي
مون چميو آهي تنهنڪي ايئن مني!
جيئن مزارن تي ڪوئي لاٿون چمي
ڪو پوڄاري جيئن عقيدي مان
پڙهي صحيفا پيو چمندو آ.
جان! مونکي قسم آ تارن جو
نيري ساگر جي ٻن ڪنارن جو
تون منهنجي من جي آهين جل پري
موم پيي تُنهنجي سندرتا تي ڄاي
تون منهنجو خواب آن، تمنا آن
تون منهنجو گيت ۽ احساس آهين
تون چنڊ آهين، تُنهنجون ڪٽ سکيون
نيري آڪاس جا ڇڻ تارا هن
تون ئي گلاب جي خوشبوءِ آهين
تون ئي تہ مُند آن بهارن جي.
مونکي تنهنجو قسم آ او جانان!
توکي مان جان کان وڌ ٿو چاهيان
مان تولئہ أپ مان تارا ٽوڙي
ها سُندر مالها ٿو ناهڻ چاهيان
پر تون بہ منهنجي نيڻن ۾ او سڪي!
هي محبتن جو ساگر ڏس تہ سهي
تون منهنجي ڇيڇ ڪي بہ وٺ تہ سهي

مان تنهنجي سنگ تو هلڻ چاهيان.
مان مڃيان تو تہ تون بہ مونکي مڃي!
ها ايترو ئي چاهيندي آهين
جيڏو ساگر تو ڪنارن کي چاهي
جيڏو پوئرو تو گلن کي چاهي
جيڏو مصور تو رنگن کي چاهي
۽ برچ سان تو تصويرون ناهي
ها مڃي! تون بہ رات جو ننڊ ۾
مونلاءِ خواب ڪي اُڻندي هوندينءَ
۽ منهنجي پيار کي تون ياد ڪري
چوريءَ چوريءَ ويهي روئندي هوندينءَ
جان! تون خواب پل نہ اُڻندي ڪر
پر توکي قسم آ محبت جو
منهنجي يادن ۾ ڪين روئندي ڪر
جي توکان تي سگهي تہ تون مونکي
پنهنجي خيالن مان پي آزادي ڏي
پر توکي قسم آ او جانان!
خيال مونکان نہ ڪو واپس ونجان،
جيڪي بہ تولئہ تو سپنا اُڻيان
تن مان هڪڙو بہ نہ سپنو کسجان.
تن مان هڪڙو بہ نہ سپنو کسجان.

☆☆☆☆

شاعري!!

جوين جي گذري ويل
پلن جي آن دائري
منهنجي مني او شاعري!
منهنجي سکي او شاعري!

ڪيڏي نہ بي چئي آهين
مون کان رُسي وئي آهين
توکانسواءِ ڏِسُ تہ مان

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ڪيڏو نہ ها! ويڳاڻو هان

سوچ ۾ ٻُڏل ٻُڏل

هميشہ چُپ تو رهان

مونتي پَيا ماڻهو کِلن

پَيا تا مونتي ٺهڪ ڏِين

رُنو تي ـير ؟ تا پُڇن

ڪهڙو جواب تِن کي ڏيان

ها ڪيئن تن کي مان ڏَسيان

تہ منهنجي پرينءَ جي سکي

۽ مونکان منهنجي شاعري

رُسي هلي وئي آهي

جنهنجي صورت هُوبهو

منهنجي مومل جهڙي آ

جڻ تہ هوءَ بہ سُومل آ

۽ سندس ادائون پڻ

ڪاڪ راڻيءَ جهڙيون هن

ڏاڍي هوءَ ساڙولي آ

جي اچي تي پريميڪا

شاعري رُسي وڃي

ڏينهن ۽ مهينا ڪي

سال تي رُني رهي.

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ڏس تہ تون اي شاعري!
ڇو ايڏي سنگدل آهين؟
مونکان وڃي ڏور تون
ڪهڙي ماڳ تي رهين؟
جت نہ منهنجي دانهن پڄي
توکي پهچي تي سگهي
مان تہ تولئہ تو رڙان
پر تون ڪنهن ٻي ڪوي جا
ڳل تي ڇُهندي رهين
چپ تي چُمندي رهين
پيار ۽ پاٻوهہ مان
ها سندس ئي جهول ۾
پينگهہ تي جُهلندي رهين
ڏانئڻ تي سندس جگر
تي هورڙيان ڪڍندي رهين.
اڄ اچي منهنجي جگر جو
آخري ٽُڪرو پيي ڪڍ
بس انهي جي موت ۾
مونکان اهڙو نظم لڪاءِ
جهڙو اڄ تائين نہ ڪنهن
مها ڪويءَ لکيو هجي
منهنجي انهي تخليق ۾
آزاد سنڌ پيي هجي
سونهن منهنجي پرينءَ جي
سادگي وري انهي ۾

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ماروئي جهڙي هجي.
لفظ لفظ مان رڳو
دليري دولهه جي بَکي.
جيئم جي ضمير جيان
اصلاح پل ڪيڏي ڪجي
ڪا سِٽ نہ مَتجي سگهي.
جنهن ۾ درد چوليون ٿي
سمنڊ جيان چلندو رهي
۽ ڏيئي جي لاٽ ٿي
هر گهڙي ٻرندو رهي.
جنهن نظم ۾ رِڌم پيو
تاري جيان ٽِمِ ٽِمِ ڪري
پوءِ پڙهندڙ هر اکر
ذهن ۾ سانديي رکي
پنهنجي هر سوچ کي
سِٽ سِٽ ۾ پسي
مونکان اهڙو نظمِ لکاءِ
منهنجي مٺي او شاعري!
منهنجي سکي او شاعري!

☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

فالج

سنو فال جي
ٿڌڙي هوا جيان
تنهنجون ساروڻيون
منهنجي ذهن ۾
گهلي رهيون َهن
دماغ منهنجو تنهنجي يادن سان
ُسن ٿي رهيو آ
جسم مان َست پيي
وجي ٿو هلندو
لڳي ٿو مونکي
تنهنجي يادن جو
فالج ٿي ويندو.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

سهيڙ مونکي

خزان جي موسم
اسانجي نيڻن ۾ آهي ترسيل
پيلاڻ ٻڄي وجود ويو آ
آ شاخ هرهڪ سهارو ڇنيو
پيا زرد پتن جيان ڇڻئون تا
اسان سوچيئون تا.......
توهانجي خُشبو اسانجي ساهن ۾
ڪيئن آخر سمائبي؟
اسانجي ساهن ڪٽڻ تي پي جو
وڏي وَئي هِت بندش آهي
اسان سوچيئون تا.......
توهان جي ڪن جي واليءَ جهڙو
ڪٿي اسانجو نصيب آهي؟
اسان توهان جي چپن جي سُرخي
بہ ڪونہ تياسي
نہ ئي ساٿي!
موهيڙن جي ڪريم ٿياسي.
اسانجو اهڙو آ ڀاڳ ڪاٿي؟
اوهانجي نيڻن جو سُرمو ٿجون
يا اوهانجي چوليءَ تي ٽانڪيل

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

۽ پرت پريل کو گل ٻڌجون
اسانجو اهڙو نصيب ڪونهي.
توهان اسانجو خواب آهيو...
پر اوهانجو خيال ٻڌجون ،
اسان جو اهڙو آ ڀاڳ ڪاٿي؟!
اسان جو ڀاڳ ۽ آس سائين!
نياڳ آهي .نراس آهي ،
نراس آسن کي ويڻا پاليئون.
ها ها! او جانان!
اسان ته ننڍڙا شاعر به ناهيئون
جو گيت سرجي .توهان جي سونهن جا
توهان کي ارپيئون
نه ئي اسان سنگ تراش آهيون
جو مورتي ڪا توهان جي ناهيئون
اسان ته مصوري به ڪونه ڄاڻئون
جو لڙڪ ڳاڙي رنگين سانئڻ!
توهانجي سُندر تصوير جوڙيئون.
اسان ته آهيئون رولاڪ ماڻهو
ڏهاڙو سارو پيا رُلئون ٿا
توهانجي يادن ۾ پيا پٽڪئون ٿا
توهانکي هيءَ التجا ڪيئون ٿا
پليز! هاڻي سهيڙيو مونکي
وڌيڪ ايڏو نه روليو مونکي
رُلي رُلي مان ٿڪجي پيو هان
رُلي رُلي مان ٿڪجي پيو هان

☆☆☆☆

خوشبو...!

هر روز منهنجا
نيٽن پوپٽ
اڏامي
تنهنجن
گلاب ڳلن تي
ويهندا آهن،
چمندا آهن
خوشبوءِ جانان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

تون پڇين ٿي؟!

تون پڇين ٿي!

مون وٽ ڪهڙي دولت آهي؟

ها مون پنهنجي نيڻن جي پندار ۾ جانان!

ڳوڙهن جو هڪ سمنڊ رکيو آ

جنهن مان اداس لمحن ۾ ويهي

موتي چونڊي

لڙڪن جون مالهائون پوئي

تولئہ گيت پيو لکندو آهيان.

مون وٽ هڪڙو گلدستو آ

جنهن ۾ ڪوئي ڳُل نہ رکيو آ،

مون اڄ تائين!

ڇو جو تو جهڙو ڪو مونکي ڳل نہ مليو آ.

۽ ها مون وٽ هڪڙي جائي تصوير رکيل آ

جنهن ۾ مون نہ رنگ ڀريو آ ڄاڻي واڻي.

تون ڄاڻڻ ٿي چاهين ڇو؟!

ها! ٻڌ انلاءِ...

جيئن ڪوئي ٻي تنهنجي نہ تصوير سُجاڻي

توکي ڄاڻي

تنهنجي مٿان.نہ شڪ ڪي آڻي.

منهنجي سانڻَ! توکي اڄ هڪ راز بہ ڏيان تو

جي تون چاهين مون مان ڪڏهن جان ڇڏائين!؟

مان جو تنهنجو وشال سڄان تو

ان جو ڪارڻ ٻين هي آهي

بس تون ٻين جي نبُ ڪي ٻجڄاڻ

ٻاٿهئي شاعر تڙپي تڙپي

جيئري ئي مري ويندو،

هرڪنهنڪان وسري ويندو.

هرڪنهنڪان وسري ويندو.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

اڌ ۾ رهيل نظم

منهنجي ڊائريءَ ۾
هڪڙو نظم
اڌ ۾ رهجي ويو آهي.
منهنجو اهو نظم
ڪنهن حسينا جي وارن ۾ اٽڪي
ڏور هليو ويو آ.
۽ ها شايد حسينا جي
وارن ڇڳ مان ڪري پيو آ
ڦٽي ڏيندي.
هاڻي جڏهن اها حسينا
وهنجي سهنجي آئيني جي سامهون ايندي
مرجهايل ڪنهن گل جهڙو
اڌ ۾ رهيل نظم وري
پوپٽ بڻجي اُڏري اچي
ها! حسينا جي وارن ۾
اٽڪي ويهندو،
وارن ڇڳ تي جُهولو جُهلندو
خوش ٿي موٽي موڊي ايندو
اڌ ۾ رهيل نظم منهنجو پورو ٿيندو.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ٻڪ جهل ...!!

مون جيان
ٻڪ جهلي
ڳوڙها ڳاڙي
هٿ ترِيءَ تي
ڦوڪون ڏي
موتي سارا
هٿ ريڪائن
منجهه وِکير
ڏسئون !
مون جيان
تنهنجي هٿ تي
صليب نهي ٿو؟!

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

پلي ڪارڊ

اسان امن جا پلي ڪارڊ کڻي
ٻاهر نڪتاسين!
اسان جا مطالبا مڃيندي
هنن رائفلن جا منهن
اسان تي
کولي ڇڏيا.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

جي هيل اچين!

تون جي هيل اچين!
ويس اڇو اوڙهي اچجان،
۽ جي پازيب هجئي پيرن ۾
خيال سان قدم کڻجان!
ڪٿي ڪو خوبصورت خواب مان
اٿي نہ پوي!
هميشہ ننڊ سندس
پوءِ ها ڦِٽي نہ پوي.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

شاعري روپ

اڄ رات ستارن چيو
مُرڪي مونکي
شاعري - ڪهڙي ڪهڙي
روپ ۾ سينگاري ٿي؟
سيئي روپ ڪڏي مون جو ستارن کي ڏنا
ڪيترا چنڊ ۽ تارا ھُئا نظر منهنجا
وائي هرڪا منهنجي
شام ڪا سُرمائي ھُئي
گلن جي روپ ۾
ڪيترائي بيت ھُيم
شفق جي رنگ جهڙا چوسٽا ھُيا مون وٽ
مگر نہ تو جهڙو غزل
نہ ڪوئي گيت ھُيو.
تو جهڙي خوبصورت
شاعريءَ کي ڳولهڻ مان
ان وقت کان جان ها نڪتو آهيان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

مرڻو ڪين آهيان

هي تيز سمندر گرجي ٿو
۽ گيت وِڄڻ نہ گهائلجي
تو موت پري کان دڙڪا ڏيئي
ها مونکي بيٺو ڏيچاري
مان مرڻو هان، مان مرڻو هان
جڻ سچ جو ڪوئي ڪرڻو هان
جو رات ٿيڻ تي ڳُگر ٿئي ٿو
۽ تارا ٽمر ٽمر ٽمڪن ٿا
ها منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجا
هي گيت سمورا پيا جيئندا
۽ مان پڻ تن ۾ پيو جيئندس
مان مُور نہ ڪڏهين مرڻو هان
مان جيئندس پيو، مان جيئندس پيو
ها تنبوري جي تارن ۾
۽ سيني رِپَ جي راڳن ۾
مهراڻ جي گهرين موجن ۾
ها ڪنهنجي سيني سوچن ۾
مان جيئندس پيو، مان جيئندس پيو
مان مُور نہ ڪڏهين مرڻو هان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

الوداع الوداع

زندگي! تنهنجي ڪٺن سفر منجهان
تنگ ٿي اڄ مان...
توکي چئي الوداع ٿو وڃان
موت منزل جا وڄي ٿو
ڳل ڳچمان،
۽ قبر منجهه سُمهان.
الوداع الوداع
او زندگي بندگي!
منهنجي مني!، منهنجي سڪي شاعري!
معاف تون مونکي ڪجان
توکي ڇڏيون ٿو وڃان
ناتا ٽوڙيون ٻيو وڃان.
الوداع الوداع
تو ۾ هو سنسار سارو
چاهه منهنجو ،ساهه منهنجو
تنهنجي اڱر منجهه آهي
منهنجو ٻالڪپڻ گذريو
۽ جواني منجهه آ
هت ٿي مون قدم رکيو

توريِن توريِن ڳالهين تي
آهي مون رُنو ڪليو
او شهر ويران الوداع
اي منهنجا گهر الوداع
الوداع الوداع
تنهنجو پاڻي پيئندو هڻر
ڏاڍو هوندو هو مِنو
آب حيات کان سُٺو
اڄ پيي مرڻ کان اڳ مان
آخري ڍُڪ تو پيئان
منهنجا ياءُ الوداع
سنڌو درياءُ الوداع
الوداع الوداع
دل منهنجي ۾ آهين تون
هر گهڙي هرپل رهيو
اناالحق جو درس مونکي
آهين تون ڏيندو رهيو
حق موجود!، حق موجود!
سائين سچل! اڄ کان...
تنهنجي طرف تو اچان
هن تڪن جهڙي دنياکي، ڇئي مان الوداع

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

آخري نظم

خواب چانديءَ جهڙا ۽
سون جهڙيون حسرتون
حوصلا فولاد جهڙا
تازا ۽ توانا جانان!
تي ويا خاڪ سڙي
دل آهي ڏاڍي ڪڙهي
جيئڻ تان ارواح آ ڪڇي ويو
موت ڇڻ تہ سامهون آ اچي ويو
الوداع الوداع
گيت گانا ،جانِ جانان! توکي پهتا
مون سي آهن تولئہ لکيا ،توکي ارپيا
آخري نظم لکان ٿو،مان وڃان ٿو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

آسمانن تي وڃي گھمان رهان ٿو

الوداع الوداع

نفرتن جي دائري ۾ آهيون پلندا رهيا

بغاوتن جي زهر کي، هرقدم ڳهندا رهيا

جيڪو اسان کي لوڪ کان، هر گهڙيءَ ملندو رهيو

پو يي مون وٽ پيار جو، اڻ کٽ هڪڙو سمنڊ هو

جنهن مان محبتن جا موتي، ورچيندا رهيا آهيون

پر سماج جي هٿان، مٽيءَ جي رانديڪي جيان

ٽڏبا رهيا آهيون ، ڀُرندا رهيا آهيون

ها عيسيٰ مسيح جيان ،صليب سوچن جي مٿان

ٽنگبا رهيا آهيون، کلندا رهيا آهيون

لکندا رهيا آهيون، گيت توانا جوانا

حُسن جا رنگين ڳانا، پوئيندا رهيا آهيون

سونهن تنهنجيءَ جا ترانا جوڙيندا رهيا آهيون

ها مون جيڪي گيت هن توليءَ لکيا

سي بہ هن مونساڻ گڏ جهوميا نچيا، تڙپي اُٿيا

۽ منهنجي قلمِ آهن، رت جا ڳوڙها رُنا

سچ تہ گهٽين پيڙائن ۾ پيڙبا رهيا آهيون

پر هاڻي پيڙائون سڀ، پاڻ سان مان گڏ کڻي

ها مٽيءَ جي سخت چادر، تو مٿان اوڙهي سمهان

الوداع الوداع

چند گهڙيون جن بہ يارن سان رهيم

۽ جنهنجي لاءِ پي تورڙو لکيو اتم

جن بہ منهنجا گيت آهن ڪٿ ٻڌا يا پڙهيا

تن سين جي نانءِ تو هي آخريُ نظم ڪيان

شايد هن کان پوءِ نہ گيت ڪوئي بيو لکان

الوداع الوداع

او سوچ لوچ! الوداع

پيڙائون سپ الوداع

او هند. سنڌ! الوداع

اوڪائنات! الوداع

او منهنجا گهر! الوداع

او منهنجا شهر! الوداع

او گهٽيون چارا! الوداع

او منهنجا پيارا! الوداع

الوداع الوداع

☆☆☆☆

ناچڻيءَ جي نانءِ

تون جڏهن پهريون دفعو ميلي منجهه آئي هُئينءَ
تنهنجي چهري تي اداسي هئي ، سهڻي تي لڳينءَ
هاڻي ٻه چار سال وقت ويو گذري آ
تنهنجي چهري تي مُرڪ آهي، بدلجي وئي آن
هاڻي ٻه آهين سُندر پر نه اها سونهن اتئي
ها جوانيءَ جو سج جلد ڇو ٻُڏي ويو اتئي؟
تنهنجي وارن ۾ اڳيون گل ڇو ڳاڙهو ڪونهي؟
تون جڏهن وار ڪولي ٿورو جُهومندي هُئينءَ
توسان گڏ نوٽ ۾ ڪيئي دليون ٻه نچنديون هُيون
تون نئين سال جڏهن ميلي ۾ اچين جانان!
توکي قسم آ! اڳيون ويس تون پائي اچجان
تون انهي ويس ۾ مونکي ڏاڍي وڻندي آن
ها مونکي پنهنجي ڪويتا کا لکيل لڳندي آن.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

يادن جو ڪرفيو

منهنجن خيالن تي
تنهنجي يادن جو ڪرفيو لڳل آ
منهنجي نيڻن جي درين مان
ڪوبہ پوپٽ جهڙو رنگين خواب اُڏري
منهنجي ذهن جي شيلف ۾
پهچي نٿو سگهي
ڇو جو !
تنهنجي يادن جا تيز اليڪٽراني شعاع
جيڪي منهنجي من پاڳل کي
هرپل شاڪ هڻن ٿا
پوپٽ جهڙن رنگين خوابن جا
نازڪ پرڙا ساڙي ڇڏيندا.

☆☆☆☆

سوچون ۽ فرق

جيئن تو پنهنجن سوچن جو
دائرو محدود ڪيو آهي
۽ سوچين ٿي فقط فقط
هڪڙي لفظ ”مان“ جي لاءِ
جيڪو تنهنجي پاڻ لئہ آ.
هاڻي مان پيي سوچيان ٿو
سائڻ! لفظ هڪڙي لاءِ
سو لفظ آهي ”ڪائنات“
جنهن ۾ سمايل آهن پاڻهي
ڪيئي لفظ
جيئن اي جانان!
تون ۽ مان!
پيار -امن
تارا - چنڊ
۽ خوشبوءِ
ها او منڙي ! مونسان ڪيڏي ٽريجڊي آهي
مان تو جهڙو ٿيڻ ٿو چاهيان
پر پوءِ پيي!
تنهنجن. منهنجن سوچن ۾
ڏس ڪيڏو فرق آهي!؟.

☆☆☆☆

پيتا

منهنجي ڪوتا ڪاڪ جي راڻي

هن ڪتابچي جي صورت ۾

پيتا ڏيان تو

سونهن سچيتا واري ديويءَ

پنهنجي سحر ڪي

جيڪا خود ئي مون وانگر ٿي

شعر نگر جي رهواسڻ آ.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

وينگس

هڪڙي وينگس ،جنهنجي عمر
جوين نڪريو تازو تازو
اُپڙو چهرو،چاندوڪيءَ جيان چمڪڻ وارو
اکيون ُهنجون، ڪاريون ڪڪورڻ
ڪينجهر جي گهرائيءَ واريون
وار وينگس جا ڪارا ڪارا
ڏِگها واسينگن جهڙا

تازن رسيل چمن جهڙيون چاتيون اُنجون

۽ آواز ۾ هنجي آهي

سُر سنگيت جو رڌم پريل

هڪ ڏهاڙي منهنجي گهر ۾

مهمانن جيان آئي هئي
۽ پوءِ هنجي وجڻ پڇاڻان
سيني واري شيلف ۾ رکيل
منهنجي دل جو
دهڪو گهنجي ويو آهي
منهنجي نيڻن ننڊ سان گڏجي
سُڪون ڪاڏنهن اُڏري ويو آ
هاڻي سمورو چين ونڃ لئه
مان اُن وينگس ڪي تو ڳوليان

مان اُن وينگس ڪي تو ڳوليان

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

گروي

مون پنهنجون سڀ مرڪون
تنهنجي ڪاتي ۾ لکيون
۽ پنهنجا خواب، تمنائون
احساس ڪُلئي
تو وٽ گروي رکيا
پر تون بہ منهنجي اُميدن جي
بدلي ڳنڍ سُوڙي
گروي مٽي!
ڪنهن بئي وٽ آن پيل.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

وڇوڙي جي سالگره

مان پنهنجن شديد محبتن کي

خاموشيءَ جي چادر اوڙهي

دل جي اونداهي قبر منجهه

دفنائي ڪونه سگهيس.

مون نيڻن مان آڏري ويل ڳجهين کي

ُهنجي ُملائم ڳِڳتن واري سرحد تي
پنڌ ڪرايو ۽ ُچڳرايو
مون هن لاءِ شفق جهڙا گيت لکيا
۽ مون ُهنکي
ٽيگور جي نظمن جهڙو خط لکيو
جنهنجي موٽ ۾
ُهن هو هڪڙو ٿهڪ ڏنو
ٿهڪ جنهن ۾ طوفانن جي تيزي هئي
جنهن منهنجن خوابن جي ڪشتي
تاڪ تاڪ آ لوڙهي ڇڏي.
ُهن منهنجن احساسن ۽ آدرشن کي
ڊسٽبن ٻڻائي پنهنجن
پيرن ۾ چيپاٽي ڇڏيو
۽ پوءِ مونتي پيڙائن جو ٽئڪس مڙهيو
هاڻي مان ماضيءَ جي ميوزم ۾ ويهي
دل جي ُٽڪرن،
احساس جي ڪوتن سڪن سان
هر سال آهيان ملهائيندو او ساٿي!
وڇوڙي جي سالگره.

☆☆☆☆

جي پڇين مونکان

منهنجا محبوب!
جي پڇين مونکان
هجر جو وقت پيو ڪيئن ڪٽيان؟
نيڻن مان لڙڪ جا موتي سوئي
تنهنجي تو ناﺀَ جي مالها سوريان.
منهنجا محبوب!
جي پڇين مونکان
توکان تي دور پيو ڪيئن جيئان؟
ائين جيئن شمع منجهان
آخري ڪا چڻنگ ٻري،
۽ ڪنهن گل جي
جيئن آخري پتي ڪا ڇڻي.
ائين مان موت کان اڳ
آخري تو ساهه کڻان
۽ مري وڃڻ لاءِ روز پيو پل ڳڻيان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

بهارن کي چئجو!!

بهارن کي چئجو!
اسان جي اڱڻ تي
نہ ٿي گل گلابي
نہ رابيل آهن.
انهيءَ لئہ اسان جي
اڱڻ تي نہ اچجو،
وڃي يلڪ ڪنهنجي
گلابي ڳلن تي
ها مُرڪون وِکيري
۽ مغرور ڪنهنجي
جذبن کي ڇيڙي
پنهنجي اچڻ جو پيغام ڏيجو.

بهارن کي چئجو
اچا ، ڪارا بادل
اسان جي اُجايل

۽ ويران اڱڻ تي
اچي ڪين ڪڏهين ٻه برسائجو.
اِهي ٽڏڙيون هيرون
۽ ٽڏڙيون ڦڙيون
ڪٿي ڏور وڃجو
۽ محلن تي وسجو
جتي شيشي درين مان
بيهي مهه جبينون
ڏسي پاڻي نيسر
پيون مُرڪنديون
۽ نڪري اڱڻ تي
اچي ٽڙڳنديون.

بهارن کي چئجو
هي ويران گهر آ
هتي ڪجهه ٻه ناهي
توهان کي هِتي ڪونه
فائدو ڪو رسندو.
انهيءَ لئه توهان پي
اُتڙي ئي وڃجو
جتي ڪوڙ فائدو توهان لاءِ آهي.

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

اهڙو فائدو جنهن لئہ
اسان پنهنجو جيون
ويران ڪيو آ
اسان جنهن لئہ پنهنجي
خوشين جي مُوڙي
گروي ڏني هُئي،
انهي آسري تي
گهڻو وياج ملندو.
مگر پنهنجي مُوڙي وڃائي ويناسين

بهارن کي چئجو
اسانکي توهان جي ضرورت ئي ناهي
اسان زرد پتا ڇڻ تي پيا هون
خزائن جا يار بڻجي ويا هون
اسان جي اڱڻ تي توهان پل نہ اچجو
بهارن کي چئجو.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ياد رکجو!

ياد رکجو!
نہ روئجو
پر سيئي مُرڪجو
ڳالهيون ڪجو
پيار جي رستي تي هلندي
پيار مُسافر ويو شهيد ٿي
۽ سيئي
مُنيون پِڪوڙي
هر آواز
عشق زنده باد جو هڻجو نعرو
جيڪڏهن مان اوچتو ماريو وڃان
زهر ڏئي
يا وري
گوليءَ سان.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

خواب سڙن

خواب، ٽانڊن تي سڙن
دل جون ٻَليون سيِ ٻرن
دَردُ دونهين جيان دُکي
جيئڻ ئي ناسور ٿئي
پوءِ ڪبي ڇا زندگي؟
ٻن وِجهي ڪُل بندگي
سيني کان پري ٿبو
موت کي پنهنجو ڪبو.

☆☆☆☆

بيئر جهڙي ڇوڪري

تشو پيپر ۾ ويڙهيل
سنهڙي بوتل جهڙي ڇوڪرِ
توتي ڪنهنجي نگاهہ نہ آهي
هرڪو وِسڪي ڳولهي ٿو
۽ مون وٽ جو ڪجهہ بہ ناهي
اهڙي صورت ۾ جي مان
توکي پنهنجي سيني لايان
پنهنجن چپن تي آڻيان
ڇا تون مونلئہ "بيئر" ٿيندينءَ؟

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

درد جي موسم

ڪاش! جو درد جي
مخصوص ڪا موسم هُجي ها
جيئن اونهاري جي پُٺيان
سردُ پارا ٿا اچن
۽ بهارون ٿيون ورن
تيئن اسان جي زندگيءَ ۾
گوُنج خوشين جا ڦُٽن ها
مُرڪيون گل تي ڪِڙن ها
۽ اسان جي چپن تي پي
مُرڪ جا پوپٽ ويهن ها.

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ڪاش ! اسان جي درد جي

موسم وڃي ها اُلهي

چند ڏينهن لئه سهي

چهري اسان جي مٿان

اُداسين جا گهرا بادل

ڪاش وڃن ها لهي

۽ اسان جي دل ڌرتيءَ تي

چنڊ ڪو روشن ڪِري ها

ٽيڙو ڪا َڪتي ڪِري ها

ڪاش! جو وڇوڙي پويان

ميلاپ جون بوندون وسن ها

۽ اوچتو ڪٿ اِجتو ى

اِجهو ملي وڃون ها

هينئن نه جانان!

ڏور هڪٻئي کان ُهجون ها

ڪاش ! جو تون چنڊ-

مان تارو ُهجان ها!

تنهنجي جهوليءَ ۾ ڪِران ها

پر هي ڏِس ! انسان تي ڦاٽا آهيون

انسان! جيڪو پنهنجي هٿ لڪير جو ئي قيدي ا .

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

نہ مُرڪون سجن ٿيون

اسان جي چپن تي نہ مرڪون سجن ٿيون
اسان درد جو ڪوئي اُهڃاڻ آهيون
. اسان جو آ ٻچپن ٽاٻن ۾ گذريو
نہ رانديون ڪيونسين ،نہ خوش ٿي ڪلياسين
۽ آئي جواني تہ گذري بہ ويئي
پتو ئي نہ پيو!
جڻ ٻچپن ڪناري تان لُڙهندا اچي

پيريءَ جي پڇڙ ڪناري پڳاسين

رڳو ياد ويرن جا ليکا ٿا ڏسجن

اُها پهرين مُحبت ۽ اُن ۾ ناڪامي

وري ٿيهارو دل لڳيءَ جون ڪهاڻيون

مگر درد دل جو نہ گر[illegible] سگھيو

ويتر ٻہ ج[illegible] وڌندو ويو

مرهم شاعريءَ جي ٻہ رکندا رهياسين

مگر درد ڪينسر ڇڏيو ڪين جانان!

هي ساڻ مونسان هلندو رهي ٿو.

ملينءَ تون تہ هڪڙي پل لئہ ڪلياسين

مگر پوءِ جانان! اچي ياد ويو

آهي سوٽ [illegible] اجهہ ٿو جهتي

[illegible] ڪسہ

وري مُرڪ جي سنهڙي حا[illegible]

غمن جو وڏو پوسٽر ويو لڳي

تڏهن ئي تہ جانان! توکي چئون ٿا

اسان جي چپن تي نہ مُرڪون سجن ٿيون

اسان کي ائين خوش رهڻ لئہ نہ چئہ تون

اسان درد جو ڪوئي اُهڃاڻ آهيون.

☆☆☆☆

مھہ جبين

تون مونکان آهين ُدور ڪيئن مان چوان !؟
ُتنهنجي يادن جي خوشبوءِ تو محسوس ِ ڪيان
منهنجي ڦڦڙن جي هر هڪ سوراخ ۾
ها ُتنهنجي سمايل آ ُسرهاڻ مٺي!
ُتنهنجي نالي وِڃن منهنجي دل جون تندون
تنهنجي يادن جي سايي پيو تو جيئان
تنهنجو احساس مون لاءِ آ آ ب حيات
تون آهين سونهن ديوي ستارن جو سنهه
ماهه رش - مهه جبين
دلنشين او حسين!
تنهنجي سپنن ڪان پاهر جي نڪران تو مان
مون کي ايئن لڳي ٿو جيون آهي
مان سپنن جا جويب ۽ سهڻا ٻکي
وڇوڙي جي مڇ ۾ تو سڙندي ڏسان
مان بہ وڇوڙي جي اُساٽ ۾ تو ٻران
پنهنجو وُجود مونکي ائين تو لڳي
جڻ تہ چاٻيءَ تي هلندڙ رانديڪو هان
جنهن جي چاٻي وئي اوچتو ٿي ختم
۽ جيون جو رانديڪو ُرڪجي ويو.

☆☆☆☆

اوچتي ئي اچين

تون سانوڻ جي رت جي   ائن جيان
اوچتي ئي اچين
اوچتي ئي وڃين
نيڻ منهنجا تنهنجي پنيان او مِني!
توکي ڳولهڻ لئہ پو پٽڪندا تا رهن
ڪينَ صفا تا مڙن
ٻي ڏيا - ٻي چيا
سچ تہ مونسان هِنن ويل ڏاڍا ڪيا
هي ريشم جون َتندون پردا ٿيي
ُتنهنجو پورو سُڳنڌي پويتر بدن
چُمن تا چپر سان ملائي چپر
مان گنهگار آهيان
سزاوار آهيان
مون کي منهنجي مِني! سزا هيءَ ڏي
پنهنجي دل جي ڪوليءَ ۾ ڪري قيد ڇڏ.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com.   books.sindhsalamat.com

وسري ويندينءَ

تنهنجو ضد آ توکي وساريان
يادون تنهنجون سپ ڏکاريان
ها! مان ائين ڪري سگهان ٿو
پر ان لئہ هڪ شرط آ سائڻ!
سمنڊ سمورو وڃي سُڪي
صحرا نخلستان ٿئي
چنڊ روشني سج کي ڏئي
شبنم شام جو گل تي ڇٽي
ڪاغذ جا گل خوشبوءِ ڏين
ڇيرون سپ اوسارا ڇوَنِ
ٿوهر اوهيڙا تي پونِ
ماکي اَڪَ جو کير ٿئي
ٿوهن منجهان کنڊ نهي
پوئتي تي درياءُ وهي
اُلٽو سارو نظام ٿئي
ها ! پوءِ مونکان وِسري ويندينءَ
جانِ ! ڪڏهين ياد نہ ايندينءَ.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

نئين دؤر جي سُهڻي

نہ تو وٽ پيار هو مونلئہ
نہ ٿي ڌڪار هُئي مونلئہ
مون توسان پيار جو اِظهار ڪيو ،تو ليڪن
نہ ٿي اقرار ڪيو
۽ نڪي انڪار ڪيو
تون مِني ٿورو کِلي وئينءَ سوچ منجهہ ٻُڏي
۽ اوچتو ٿي پري ڇرڪ وئينءَ ساري لُڏي
ها! توکي ڏم هُيو
شايد منهنجو غم بہ هُيو
ها سُهڻي! تون بہ هُئينءَ دؤر نئين جي سُهڻي.
هُوءَ سُهڻي! دؤر اڳئين جي هُئي لِهرن منجهہ لُڙهي
تون سُهڻي ! دؤر نئين جي آن رسمن منجهہ لُڙهي
هُن سُهڻي ڇڏي ڏم هُيو ميهر لئہ [illegible]
تون مِني! مونلئہ پنهي [illegible] منهنجو غم [illegible]

منهنجي ُهجين

تون جنهن کي چاهين ٿي،
سو تنهنجو ٿئي
تون به ٿئين اُن جي ِمڻي
اگر ائين نه ٿئي !
پوءِ سگهي!
منهنجي هيءَ دل ٿي ڪري ِضدُ اهو
تون فقط منهنجي ُهجين
منهنجي ُهجين
منهنجي ُهجين.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

منهنجي شاعري

منهنجا ڪُل خيال يتيم

۽ آ منهنجي شاعري ڄڻ ڪا بيوه

هَنِ جنهنجا هٿ ٻُسا

ڇِٽ نتس ميندي۽ جا

نتس ڪي چُوڙين جا رنگ

نہ جهنڪار اٿس

نڪوئي ٽِلڪُ اٿس

چند جهڙي مُک مٿان بنديا جو

ها منهنجي شاعري!

سُفيد وڳي ۾ ويڙهيل

ڄڻ تہ آهي راهبا ڪا

جيڪا نہ ڪنوار بڻي، ڳاڙهو وڳو نڪو پائي،

نڪوئي ڪارو وڳو پائي ڪو ڪيڏاره ٿئي.

☆☆☆☆

اڻڄاتو شڪ

تون تہ اڄايو اُداس ٿئين ٿي

۽ ها! مونتي شڪ ڪرين ٿي

توکي وساري ڪيئن سگهان ٿو؟

دل ڪا سائن بورڊ تہ ناهي

نہ ئي ها ڪنهن آفيسر جي

ڪمري ٻاهران ٽنگيل آهي

عُهدي واري نانءُ جي تختي

جنهن تان اڳيون نانءُ مٽائي

وري نئون ڪو نانءُ تو لکجي

دل جون ديوارون اي سائڻ!

اهڙيون نازڪ ٿينديون آهن

جن تان ڪوئي نانءُ مٽا [illegible]

ڦٽ هڻ [illegible] ڏهرو ڪڍ [illegible] آ [illegible]

[illegible]

[illegible] سور جي [illegible]

خوشيون پڻ وڃائبيون آهن

مُرڪون مُڪَ تان ڳاهبيون آهن.

☆☆☆☆

شال امير سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ذميوار شاعر آهي ، جيڪو هڪ طرف نظم، آزاد نظم توڙي ٽيڙو ۽ ڏيڍ سٽن جهڙين صنفن تي به طبع آزمائي ڪري ٿو ته سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل ورثي بيت ۽ وائيءَ جي وارثي ڪندي به ڏسجي ٿو. سندس ٻولي نهايت سليس، عام فهم ۽ سُرلتا سان ڀرپُور آهي، بلاشڪ ته سندس شاعريءَ ۾ معياري شاعريءَ واريون سموريون خوبيون موجود آهن.

نور افشان شيخ

وايون

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

توسان پيار ڪيم

عبادت پوري ٿيم

مندر تنهنجو گهر مڃي

ديوي تو چيم

عبادت پوري ٿيم

تنهنجن رستن ڪان اڳي

قدم ڪونہ رکيم

عبادت پوري ٿيم

پنهنجن نيڻن ۾ رکو

تنهنجا عڪس ڇنيم

عبادت پوري ٿيم

تنهنجون پکل چوڙيون هي

سانائي ڏسِ رکيم

عبادت پوري ٿيم

من مٿان منهنجي مومل!

تنهنجو نانءُ لڪيم

عبادت پوري ٿيم

☆☆☆☆

سرنهن ڦول ڦلارئا
اتر لڳو واءُ
آءُ هلي تون آءُ
آءُ هان تنهنجي آسري
ڪنگو تارا تا لڏن
گهوٽ ٻڌيو ڄڃ لاءُ
آءُ هلي تون آءُ
آءُ هان تنهنجي آسري

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

تارا آسمان تي ٽنگيل
چنڊ ڏئي ٿو ڇهاءُ
آءُ هلي تون آءُ
آءُ هان تنهنجي آسري

مورن ناچ ڪيو ٿر تي
اُتي آندو هُڳاءُ
آءُ هلي تون آءُ
آءُ هان تنهنجي آسري

پريِنءَ پڇاڻان منڊ جوآ
وڏي تہ وِيڙو چاءُ
آءُ هلي تون آءُ
آءُ هان تنهنجي آسري

مرهمُ تي تون مونلئہ اچ
گهرو تي ويو گهاءُ
آءُ هلي تون آءُ
آءُ هان تنهنجي آسري

☆☆☆☆
☆☆☆
☆☆
☆

☆☆☆☆

منهنجا نيڻ پرين!
ٻڌجي ها پنڇي.
توڏي اُڏري تا اچن
پوپٽ مُند بهار ۾
گلن هوندي پي.
توڏي اُڏري تا اچن
گيت سُرن جي روپ ۾
منهنجي او مٺي!
توڏي اُڏري تا اچن
منهنجي سوچ نگر مان
خيال ڪئي نڪري.
توڏي اُڏري تا اچن
وشال نندن مان منهنجي
سپنا پوئر تي.
توڏي اُڏري تا اچن

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

مان ٿو گيت لکان،
سانوري سامهون.
ڏسي رهي آ
شايد گهٽو اڳ ۾ ،
گڏ رهيا هون.
ڏسي رهي آ
ٿانداٽو آ مون جيان ،
شايد بيگانو.
ڏسي رهي آ
خوابن ۾ سمنڊ تي ،
وٽندڙجڻ شامون.
ڏسي رهي آ

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

مان تو منيءَ ڳل ڇمان،
ءِ هوءَ چاندني!
ڪِلي رهي آ
ويهي اندلٺ رنگ جي،
جوڙيان تو ڳاني.
ءِ هوءَ چاندني!
ڪِلي رهي آ
برکا جي رُت آئي آ،
هاڻي تہ آني.
ءِ هوءَ چاندني!
ڪِلي رهي آ
دل جي اُپ تي تنهنجي،
تصوير آ جاني.
ءِ هوءَ چاندني!
ڪِلي رهي آ
[illegible] جا ڪائنات،
[illegible] ٿي [illegible]ني.
ءِ هوءَ چاندني!
ڪِلي رهي آ

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

منهنجن خيالن ۾
منهنجن خوابن ۾
تنهنجون تصويرون
ڪيسي رڪيل پرس جي
خفيا خانن ۾
تنهنجون تصويرون
در تي مون پوکيا جي
رابيل، گلابن ۾
تنهنجون تصويرون
منهنجي ڪورس ڪنيل
ڪُل ڪتابن ۾
تنهنجون تصويرون
مون جي سِرجيا هنِ
گيتن گانن ۾
تنهنجون تصويرون
وشال شاعر جي
من ايوانن ۾
تنهنجون تصويرون

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

مونکان پيار وٺي
جفائون ڏئي
هوءَ هلي وئي
غم جون ڇهري تي
ريکائون ڏئي
هوءَ هلي وئي
مونکي وڇوڙي جون
سزائون ڏئي
هوءَ هلي وئي
مان پيو پوڳيان تو
پيڙائون ڏئي
هوءَ هلي وئي
پنهنجي جسم سان
لاتعلقائون ڏئي
هوءَ هلي وئي
مونکي يادن جون
مالهائون ڏئي
هوءَ هلي وئي
وشال لفظن کي
معنائون ڏئي
هوءَ هلي وئي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

شايد ايندينءَ ڪونہ تون
مونڏي منهنجي مون
هاٽي وجان تو
تنهنجي درتي بينوُهيس
مان صبح لاڪون
هاٽي وجان تو
تولاءِ ڇڏي پويان مان
گيت، غزل، وايون
هاٽي وجان تو
تنهنجي يادن سان سيئي
ياد ايندين واٿون
هاٽي وجان تو
منهنجو جيون رات آ
تولئہ َهن باڪون
هاٽي وجان تو
جيون جون هي بہ گهڙيون
اوذر ُهون مليون
هاٽي وجان تو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

تنهنجي وجڻ سان
رُسي اڄ مونکان
شاعري هلئي وئي
پوپٽ پڪڙي هٿ مان
ڪٽي جو چڏيان
شاعري هلئي وئي
هوبهو آ تو جهڙي
مُنهنجن سپنن مان
شاعري هلئي وئي
روپ سُرن جو وٺي
اُڏري ورقن مان
شاعري هلئي وئي
خالي رستا ذهن جا
موتي اڏ وٽان
شاعري هلئي وئي
مونکي بہ وچڙو آهي
وشال جڳ منجهان
شاعري هلئي وئي

☆☆☆☆

ڏوري ٻہ تي ڏينهن آ
موتي هو ايندو
ٻاري ٻہ رکيا اتر
نيڻن جا ڏيئا
موتي هو ايندو
سج ٻڏڻ تي آهہ پوءِ
کهڙي ڳالهہ پلا
موتي هو ايندو
هنجي وارن ۾ ٿيندا
چانديءَ جا چلڪا
موتي هو ايندو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

تارن سان گڏجي
تولئہ نيڻ مني!
پيا جاڳن تا
جڏهن کان توکي ڏٺم
تڏهن کان وٺي
تولئہ نيڻ مني!
پيا جاڳن تا
مون آ دل ديوار تي
صُورت تو چِٽي
تولئہ نيڻ مني!
پيا جاڳن تا
هڪڙي تون ئي حڪم
منهنجي اهين سڏم
تولئہ نيڻ مني!
پيا جاڳن تا
گوئنج هي پاري ساڙيا
موسم آهہ مَٺي
تولئہ نيڻ مني!
پيا جاڳن تا

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

رُولاڪ منهنجا مون جيان
سپنا رُلن ٿا
اڪي وارن ڇڳ ۾
ٻاڙها ٻيلا ڳل ڪيئن
جُهومن نچن ٿا
اڪي وارن ڇڳ ۾
پَڌر وينو مان ڏسان
تارا ٽمڪن ٿا
اڪي وارن ڇڳ ۾
ڇڙ تہ چانديءَ جا سڳا
پيا چِمڪن ٿا
اڪي وارن ڇڳ ۾
وشال گيت چپن جا
رستا ڇُمن ٿا
اڪي وارن ڇڳ ۾

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

جيون - رات سفر
مونسان ڪو تہ هلي
تنهائي ڏائڻ آهي
آءُ ڳوليان تو ڪتان
ڪنهنجو ساٿ ملي
مونسان ڪو تہ هلي
تنهائي ڏائڻ آهي
راهہ ۾ تئي راهبر ۽
سختيون سُور سلي
مونسان ڪو تہ هلي
تنهائي ڏائڻ آهي
پاڇولو ٿي بس تئي
پل نہ لاٿي ڳلي
مونسان ڪو تہ هلي
تنهائي ڏائڻ آهي
شل نہ وڇوڙي آڳ ۾
منهنجي جان جلي
مونسان ڪو تہ هلي
تنهائي ڏائڻ آهي
مون وٽ ديپڪ راڳ هن
وشال ناهي ٻالي
مونسان ڪو تہ هلي
تنهائي ڏائڻ آهي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

هاڻي گيتن ۾
پوئي پيڙائون
آئون هليو ويندس
آس جي بدلي ۾
ڪٽي نراسائون
آئون هليو ويندس
سُک جي پاڇولي
ڪونہ ڏنيون لائون
آئون هليو ويندس
موت نہ بخشيندو آ
گهر نہ دُعائون
آئون هليو ويندس
وشال راتين جون
يادن مالهائون
پوئي پيڙائون
آئون هليو ويندس

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

تنهنجي يادن آ ڪسي
ننڊ اچي ٿي نٿي
آءُ جاڳان ٿو پرين

پيار تنهنجو قرض آ
وچ سو مونکان وٺي
ننڊ اچي ٿي نٿي
آءُ جاڳان ٿو پرين

حسن ۾ آن حُور ڪا
پيار جي ديوي سکي
ننڊ اچي ٿي نٿي
آءُ جاڳان ٿو پرين

باک وٺي آهي ڦٽي
صبح جا ٻولن پکي
ننڊ اچي ٿي نٿي
آءُ جاڳان ٿو پرين

تون نٿي ڄاڻين تہ مون
ڪيتري پيڙا سٺي
ننڊ اچي ٿي نٿي
آءُ جاڳان ٿو پرين

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

تنهنجي نيڻن مان چڻ
باک ڦٽندي آ

منهنجي محبوبا!

تنهنجا فوٽو تو جيان
سُندر لڳن ٿا

منهنجي محبوبا!

منهنجي پوِترِ پيار جي
تون ئي انتها

منهنجي محبوب!

ڪيڏي من کي وڻندي آ
تنهنجي چنچلتا

منهنجي محبوبا!

تنهنجي خاموشيءَ پويان
لڪيل آهي ڇا؟

منهنجي محبوبا!

☆☆☆☆

نہ ٿي مومل تون

نہ مان ساڳيو مينڌرو

رشتا روحن جا ڳنڍيل

ظاهر ۾ دُوريون

نہ مان ساڳيو مينڌرو

تولئہ سارا گيت هي

لکيا آهن مون

نہ مان ساڳيو مينڌرو

چنڊ آ گرهڻ ۾ وتو

ڇون هي ڪتيون

نہ مان ساڳيو مينڌرو

هٿ تي تنهنجو نانءُ آ

جيون ريکائون

نہ ٿي مومل تون

نہ مان ساڳيو مينڌرو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

چوڪري خيالن ۾
گم سم ويٺي آ
ڪوڪ ڇٽي ويس لِڪي
ڪوئي ڪتابن ۾
گم سم ويٺي آ
هيل به ٽڙي ناهي ڇو
مُکڙي بهارن ۾
گم سم ويٺي آ
خاصا اچا پيا اتس
ڪارن وارن ۾
گم سم ويٺي آ
جوين ئي نکري ويو
انتظارن ۾
گم سم ويٺي آ
قاتل ڇڻ اچان آهي
ڪن سوالن ۾
گم سم ويٺي آ
ڪيئن آ فيل ٿي وئي
يا ڳڻ حسابن ۾
گم سم ويٺي آ
هوءَ نه چنڊ ٻڍي آهي
وشال تارن ۾
گم سم ويٺي آ

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

رات مون ڏٺو

يٽائي روئي پيو

ڪلاچيءَ جي ماڳ ۾

ڪوئي جو ڪُنو

يٽائي روئي پيو

آگريون ڪيچي پيس

تنبورو ٽُٽو

يٽائي روئي پيو

سنڌ جو نقشو ڏسي

زارو زار هيو

يٽائي روئي پيو

سسئي تي واڪا ڪيا

مونسان هلندو ڪو

يٽائي روئي پيو

سهڻيءَ جي هٿ ۾ ڏسي

ڪچو هڪ گهڙو

يٽائي روئي پيو

مونسان ڪچهري ڪندي

الائي جي ڇو

يٽائي روئي پيو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

سڄل ساري رات

وينئي ِهي سوچيو
ڪڏهن منهنجي ماڳ تي
ڦٽندي ڪا پرڀات
سڄل ساري رات

وينئي ِهي سوچيو
محبت ئي مذهب منهنجو
آهي منهنجي ذات
سڄل ساري رات

وينئي ِهي سوچيو
ِسرُ پئي ڪيئن مڱي ٿي
حق جي هڪڙي بات
سڄل ساري رات

وينئي ِهي سوچيو
جيڪر وٺي بيو جنم
ڪوڙن ڏيان مات
سڄل ساري رات

وينئي ِهي سوچيو
سامي پيڇن چڙهه ڪٽي
پکي لنون لات
سڄل ساري رات

وينئي ِهي سوچيو

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

يادن جو سرطان ڏئي
لهي ڳاڏيءَ مان

چوکري ويئي هلي

نيڻن اشارا ڪري
ڦري دل مونکان
لهي ڳاڏيءَ مان

چوکري ويئي هلي

سانوري سُندر هئي
مونا ليزا ڪان
لهي ڳاڏيءَ مان

چوکري ويئي هلي

پوک گلابن تي لڳي
ڳاڙهي گهگهي سان
لهي ڳاڏيءَ مان

چوکري ويئي هلي

سرمايو يادن جو آ
وايون ، گيـ [illegible] ء مان
لهي ڳاڏيءَ مان

چوکري ويئي هلي

چنڊ آ اُداس تي پڇيو
وشال تارن ڪان
لهي ڳاڏيءَ مان

چوکري ويئي هلي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

اسٽيشن تي اوچتو
گاڏي جو آئي
ساري سونهن ڪٽي وئي
گلن ڪان خوشبوءِ ڦري
سُندري ڪائي
ساري سونهن ڪٽي وئي
پني مٽان ڇپ ڇٽي
لِڪي ڇڻ وائي
ساري سونهن ڪٽي وئي
چنڊ بہ شرمائجي ويو
هوءَ جڏهن آئي
ساري سونهن ڪٽي وئي
جنهن بہ ڌُهنڪي تي ڏنو
رڙ نڪتس هائي
ساري سونهن ڪٽي وئي
منهنجي جوڀن جي بہ ها
ڇوڪري سا ئي
ساري سونهن ڪٽي وئي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

جوين رنگن جو
سج لهي ويو آ
ڪيڏا جذبا ها
سارن جذبن جو
سج لهي ويو آ
وار هي چاندي ٿيا
ڪارن وارن جو
سج لهي ويو آ
ساري رات ٿميا
هاءِ نيڻن جو
سج لهي ويو آ
توسان گڏ گهاريل
سُندر پلن جو
سج لهي ويو آ
ٽوٽي پُرزا ٿيا
منهنجن خطن جو
سج لهي ويو آ
لڪندي ڏڪن ٿا
شاعر هٿن جو
سج لهي ويو آ
ڪنهنجي جهري سي
نشان ڪهنجن جو
سج لهي ويو آ

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

ڌرتي بهشت جيان
لڳي ٿي سڪي
تنهنجي پاڙي ۾
خوشبوءِ ڦهليل آهي ڏس
تنهنجي پڳهر جي
تنهنجي پاڙي ۾
منهنجي پريم سفر جي
وڃي راهه کٽي
تنهنجي پاڙي ۾
مونکي ڇڪي ٿا اچن
منهنجا گيت مٺي
تنهنجي پاڙي ۾
نيڻن ڪينجهر مان تنهنجي
آهي باک ڦٽي
تنهنجي پاڙي ۾
چنڊ به چانڊوڪي ٽوڪان
چڙهه اوڏر ورتي
تنهنجي پاڙي ۾
مقدس پاڻيءَ تو ڇماڻ
ڪٽي دڙ مٽي
تنهنجي پاڙي ۾

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

منهنجي ڪمري جي
در ديوارن تان
دز اُڏاري ڪير؟
سيني فريم ٿيل
منهنجي فوٽن تان
دز اُڏاري ڪير؟
ڪليل ڊائريءَ جي
لکيل ورقن تان
دز اُڏاري ڪير؟
ٽيبل تي سجيل
ڪُتب ڪتابن تان
دز اُڏاري ڪير؟
مون وٽ چند رکيل
خط لفافن تان
دز اُڏاري ڪير؟

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

گلن جا تحفا
پارسل ڪري
توکي ٿو موڪليان
لڙڪ سينٽ جي
شيشيءَ ۾ ڀري
توکي ٿو موڪليان
تولئہ مُرڪون سڀ
ڇُوندي ۽ سوئي
توکي ٿو موڪليان
خط ۾ لفظن جون
مالهائون پوئي
توکي ٿو موڪليان
تنهنجا هي پوٽريٽ
ٿورا رنگ ڀري
توکي ٿو موڪليان

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

منهنجي نيڻ نهار

توکي ٿي ڳولي

مُکڙيون ٿيڙي وئي آهي

هيءَ ڄا مند بهار

توکي ٿي ڳولي

ڪاٿي آهين او مٺي ؟!

ڪنهنجي ته پڪار

توکي ٿي ڳولي

سونهن ديوين جي آهي

ڪيڏي ڏس قطار

توکي ٿي ڳولي

وشال يادن جاآهن

مٿان جڙ ڪي ڄار

منهنجي نيڻ نهار

توکي ٿي ڳولي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

تنهنجن نيڻن مان
پيار تو ظاهر ٿئي
ڏندين پِڪوڙين پئي
ڳاڙهن چپڙن مان
پيار تو ظاهر ٿئي
توڏي جيڪي مون مُڪا
سانديل خطن مان
پيار تو ظاهر ٿئي
ڳالهائڻ چاهين پيئي
اٽڪيل لفظن مان
پيار تو ظاهر ٿئي
شرمائي ڍُڪي وڃين
موتي ڏندن مان
پيار تو ظاهر ٿئي
وشال جيڪي هَنِ لکيا
غزل بندن مان
پيار تو ظاهر ٿئي.

☆☆☆☆

مونکان سپ تحفا
واپس وٺي وئي
هُنجي پيرن جي هُئي
ميڙيم مٽي سا
واپس وٺي وئي
هُنجا مونکي هي ڏني
مُندي -واچ اها
واپس وٺي وئي
مون وٽ جيڪا هِي رکيل
هُنجي تصوير سا
واپس وٺي وئي
ڪونہ صفا تئين ڇڏي
چُوڙي پڳل ڪا
واپس وٺي وئي
سارا پنهنجا پوسٽ ڪيل
خط ۽ لِفافا
واپس وٺي وئي
ماٺهن چوڻ تي لڳي
مونکان تي خفا
مونکان سپ تحفا
واپس وٺي وئي

☆☆☆☆

تاج محل پرين
سندر سپنن جو
ٽٽي پيو آهي
توسان ڳنڍيل جو ھيو
پيار جو رشتو
ٽٽي پيو آهي
چنڊ تي ڪيئن پهچي؟
پرُ چڪور جو
ٽٽي پيو آهي
توسان ملان تہ ڪيئن؟
منهنجو حوصلو
ٽٽي پيو آهي
سُهڻي ٻُڏي تي پئي
ڪچوئس دِلو
ٽٽي پيو آهي
شاعر هتن منجهہ اڄ
قلم الائي ڇو!
ٽٽي پيو آهي
وشال ڏس تہ سهي!
تنهنجي وئي ڪانيو
ٽٽي پيو آهي

☆☆☆☆

جي ساري جڳ ۾ گونجن ٿا
سي گيت امر ٿي ويندا آهن
جنهن غزل ۾ سُندر ديويءَ جا
سينگار فضا ۾ جرڪن ٿا
سي گيت امر ٿي ويندا آهن
ڪنهن قوم سُتل جا سڀ ماڻهو
جنهن سُرَ سُهڻي تي ڇرڪن ٿا
سي گيت امر ٿي ويندا آهن
وشال نظم ڪيئي ٿا جُڙن
۽ جيرا، گردا ڇرڪن ٿا
سي گيت امر ٿي ويندا آهن

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

تاسي ٽر جيئان

آءُ اجارو آهيان

تنهنجي چيڙن مان مٺي!

ڇا مان مڌ پيئان؟

آءُ اجارو آهيان

مُرڪون مونکان ٿي گهرين

ڪِتان توکي ڏيان؟

آءُ اجارو آهيان

سنڌو مون ۾ پلٽجي

ساگر شل ٿيان

آءُ اجارو آهيان

☆☆☆☆

اُڏري مان ويندس
آخر نيري اُپ تي
تنهنجي موهيڙن جهڙي
ماڪ وچي تيندس
آخر نيري اپ تي
روشن تارن جي مٿان
پوپٽ ٿي ڦرندس
آخر ي اُپ تي
چانڊني ڪرڻن سان مان
توکي پيو چُمندس
آخر نيري اُپ تي
اندلٺ رنگ ڪٺي مني!
تحفا تو ڏيندس
آخر نيري اُپ تي
وشال سوچون، سپنا، مان
انهن ۾ جيئندس
آخر نيري اُپ تي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

پرين ُتنهنجي در

عاشقي ُرلائي ٿي

توسان پيار ڪري

آهيون دربدر

عاشقي ُرلائي ٿي

ڳوڙها تنهنجي ياد ۾

ڳاڙيون هر پهر

عاشقي ُرلائي ٿي

تنهائي جو ديو ُ آ

وينل منهنجي گهر

عاشقي ُرلائي ٿي

چنڊ نہ چاهيان ٿو!

ُرڳو پنهنجو ڪر

عاشقي ُرلائي ٿي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆

جيون جي آڪاس تان
ڳُم ٿي ويندس آنءُ
جڻ مان سڄُ آهيان
شام ٿيڻ سان
ڳُم ٿي ويندس آنءُ
ماڪ ڦڙي جيان او سڪي!
اڳ ۾ ڳلن ڪان
ڳُم ٿي ويندس آنءُ
يادن جا سايا پرين
بس هُوندا توسان
ڳُم ٿي ويندس آنءُ

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

ننڍڙي چنڊ جيان
منهنجي اڱر تي هجين
ٽئگور تي گيتانجلي
توکي آءُ ڏيان
منهنجي اڱر تي هجين
تون ڪائي خوشبو آهين
پوپٽ آئون ٿيان
منهنجي اڱر تي هجين
چانڊوڪي ۾ اوتي ڏئين
ويهي مڌ پيان
منهنجي اڱر تي هجين
تنهنجي وارن ڇانو ۾
پيو شل جيئيان
منهنجي اڱر تي هجين

☆☆☆☆

يادن جي آڪاس تي

اُپرين روز پيو

ها تون چنڊ آهين

توسان ڪيئن پُڇان؟

ننڍڙو آئون ڏيو

ها تون چنڊ آهين

تون جو آئين ڳوٺ ۾

روشن ڳوٺ ٿيو

ها تون چنڊ آهين

[illegible] تنهنجون اکيون

[illegible]

ها تون چنڊ آهين

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ڪيڙي رُڃ رابيل جهڙ
منهنجي منڙي آس
مونکي جيئارين پئي
جيون جهاڳي جُهور ٿيم
ٽِبنهِ سونهن جي پياس
مونکي جيئارين پئي
نيٺ تہ تون منهنجي ٿيندينءَ
جاڳن ٿا احساس
مونکي جيئارين پئي
آهن جاڳ ۾ خواب ۾
تُنهنجا مون ۾ واس
مونکي جيئارين پئي

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

ايم اي سنڌي جي امتحانن لاءِ اڳواٽ تياري ڪرڻ دوران منهنجي پيٽڻ ڪتاب "نشانا چپن جا" ڏيندي چيو تہ سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان بهترين ڪتاب اٿئي. جنهن بعد اهو ڪتاب منهنجي بُڪ شيلف جو حصو تہ بڻجي ئي ويو ، پرمونکي اهو بہ انتظار رهڻ لڳو تہ ڪڏهن ٿو وري اُن شاعر جو ٻيو ڪتاب اچي جنهن شاعر کي شايد لفظن جي ضرورت انلاءِ نہ پوندي هُوندي جو يقينن لفظ خود ان لاءِ آتا رهندا هُوندا تہ ڪڏهن ٿو وشال امريڪين ڪاغذي ڪينواس تي وکيري لفظن مالهائون پوئي.چو تہ لفظن کي سِٽن جي قيد ۾ جڪڙڻ وارا تہ ڪوڙ هُوندا. پر وشال امير جيڪو ڪو هندو نوجوان نہ بلڪ حقيقتن هڪ مسلمان يعني امير بخش ابڙو آهي. جهڙا وشال ذهن رکندڙ گهٽ ئي آهن. سچ پچ تہ وشال امير جي دل جهڙي سُتري آهي تهڙي ئي سندس شاعري پڻ خوبصورت آهي .

بينظير شاهہ

نيڙو/ هائيڪا/ ڏيڍ سٽا

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

سپنا ساندينديِ
پوڙها ٿي نہ وڃئون
توکي سارينديِ

☆☆☆☆

تنها بند ڪمرو
ڏيڇاري ٿو گوري. کي
ڇت ۾ وينٽل ڇمڙو.

☆☆☆☆

پڙهندي ڪو ڪتاب
ڪنهن لاءِ رني آهين؟
ڄوري بي حساب.

☆☆☆☆

اظهار ڪيم توسان
هي جيون سنوري ويو
جو پيار ڪيم توسان.

☆☆☆☆

ڇوري اُٺ جيڏي
ننڍڙي ٽنڊڻ کان آ
ڇرڪي وئي ڪيڏي.

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

صليبن ٽنگيل
سوچون منهنجون ساريون
نانگن کان ڏنگيل.

☆☆☆☆

ڇاتيون بہ پٽي ڇلڪيس
ڇوريءَ تي ڪيون اُلٽيون
ڪيڏو تہ بخارُ هيس

☆☆☆☆

وشال ڌرتيءَ تي
ڪيڏا ڪندا َهنِ
ميڙڻ ڇاهيان جي

☆☆☆☆

ڄڻ رت ڦوهارا ها
۽ وڪريل ڪٽ جي مٿان
ڪي وار بہ ڪارا ها

☆☆☆☆

ڪلهہ گڏ اسان هئي
اڄ تنهنجي جدائي ڇو
ها زخم ڏئي پئي

☆☆☆☆

پريل ڳاڙهو چولو
ڏئين پئي تون مني!
دِلين کي رولو

☆☆☆☆

تون مونکان نتي وِسرين
ڪو زخم نئون بڻجي ٿي
هر روز پئي نسرين

☆☆☆☆

مون توکي چاهيو هو
پر منهنجي جانان تو
محلن ڏي ڪاهيو هو

☆☆☆☆

اُڏري جو ويندس
ها!ڏور ستارن جو وچي
ساٿي مان ٿيندس

☆☆☆☆

اڄ رات اتي ويهي
تارن کي ڳڻيان ٿو مان
سڄي رات رڄي ويٺي

☆☆☆☆

خواهش ٿي اڀائي آ
تارن جي چمڪ جي پيي
ڪنهن ڪئي چريائي آ

☆☆☆☆

چپ چنڊ جو اڄ چاپيو
۽ لال ڳٽا هي ٿئي
الله جو هن نياپو

☆☆☆☆

تون روح آهين منهنجو
هي جسم پُلي ٻه تيا
مان رُوح آهيان تنهنجو

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

چالاڪ ٿون روئين ٿي
ڪجهه ڏيان ته ڏر چوري
اٿو پئي ڳوهين ٿي

☆☆☆☆

ڪنهن لئه منتظر
ڪوٺڙي بئراج ۽
هوٽل المنظر

☆☆☆☆

خالي ڄڻ اکر
جن کي نقطو هڪ نه
ڦٽپاٿ تي گهر

☆☆☆☆

ڪانئر نه چٽيئه
پنهنجي ساهه سرير کي
ٻاگهي ٻن ڏنئه

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

وهي ٻاراڻي
دليري ڪيڏي ڪيئي!
هيمو ڪالاڻي

☆☆☆☆

دريا خان دولھ
ڏرتيءَ نه ڇڏيا وري
توجھڙا سورھ

☆☆☆☆

سومرا دودا
جنگ ۾ وينا آهن
توکان پوءِ جوڌا

☆☆☆☆

اڙي او ڀونگر
ڌرتيءَ وڪوڙي ويا
چوڌاري ڏونگر

☆☆☆☆

اڄوڪا راڻا
مومل وڪڻي تي ويا
ڌرتيءَ ڌڪاڻا

☆☆☆☆

او راجا ڏاهر
تو پڇاڻان ويا سڙي
سنڌين سَنڌَ ۾ گهر

☆☆☆☆

او هوشو جرنيل
ڪيڏو توکي ساريو آ
تنهنجي ڌرتيءَ هيل

☆☆☆☆

روپلا ڪولهي
توکي سڏي تي پئي
ٿَرِ جي ٻولي

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

اڙي ڇام نظام
تنهنجي وئي ڪانپوءِ ٿيا
اُبتا ُڪل نظام

☆☆☆☆

بارش ۾ ُترڪڻ، ڪاغذ ڪشتيءَ پويان
ٻارن جو ُڊوڙڻ

☆☆☆☆

نيسر وٺ ڀڳي، ڪاغذ جي ڪشتي
اُتي وئي ٻڏي

☆☆☆☆

بارش ڪي مستي، منهن ، ڪچا گهر ۽
اُجڙي ٿي بستي

☆☆☆☆

هي پيار مهراڻ آهي،انسان جي اوگهڙ ٿي
جڻ ڪوئي پهراڻ آهي

☆☆☆☆

تون چند جيان آهين، مان ٻار آهيان جڻ ڪو
وس منهنجي ۾ ناهين

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

پردو نہ هٽاءِ پنهنجو، تي آڳ لڳي مَن کي
ڪجهہ خيال تہ ڪر منهنجو

☆☆☆☆

تو ياد ڪيو هوندو ،تو آڏو جو منهنجو
ڪنهن نانءُ ڪنيو هوندو

☆☆☆☆

پرڏيهہ هلي ويندينءَ، هر وقت اتان مونڏي
خيالن ۾ هلي ايندينءَ

☆☆☆☆

خط منهنجا جو پڙهندينءَ، پڪ ياد ڪري مونکي
تون جانان پيئي ڪڙهندينءَ

☆☆☆☆

هٿ ميندي رتل هوندئي، تون ڪنوار جڏهن ٿيندينءَ
سچ ياد منهنجي ايندئي

☆☆☆☆

ڪونہ تي ڄاڻين مني، يوڪليپٽس جا گل يي
مهڪن تا توکي ڏسي

☆☆☆☆

ڪَيا عُمر ڪيڏا ڏوڪا، وارن مان اڇاڻِ اڇهو
پائي تي پئي لِياڪا

☆☆☆☆

جهڙوڪ چانديءَ جرڪو، وارن ۾ ڪيو آهي

اڃا ڪ اڃي ڪڙڪو

☆☆☆☆

سچ ٿي نہ وڃئون پوڙها، تون ڇوري اڄ هاڻي

لتاڙي سيئي لوڙها

☆☆☆☆

او موهن جي ڏرتي، هيءَ تنهنجي ۽ منهنجي

ڏس مونکي ملي سرتي

☆☆☆☆

وڇوڙو ويراڳ، آءُ ٻران تو پيو

ٻڌجي ديپڪ راڳ

☆☆☆☆

ڪو تارو رات ڪريو، ۽ تنهنجي نڪ ٻولي تي

آ تو ۾ اٽڪي پيو

☆☆☆☆

جيئن ڪاوا ٽانڪي تي، تيئن پيار پوئي من ۾

پئي مونکي آچي تي.

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

اڄ ننڍڙا ٻار ٿيئون، ڪو تارو ڇانڻ ڪريو
اڄ جهول جهلي ويهئون

☆☆☆☆

ٻار جڏهن ناهيئون،چنڊ اسان جو هجي
پوءِ ٻہ ڇو ڇاهيئون؟

☆☆☆☆

ٻارن جيئن آهيون،چنڊ سان کيڏڻ تا
اسان پي ڇاهيون

☆☆☆☆

ڪا آس نہ پوري ٿي، هر خواب سڙي ويو ۽
هر رات آ ڪوري ٿي

☆☆☆☆

ڏوري ٻہ تہ ڏوري آ، پيئي دل کي جلائي ٿي
ڇڻ ٻاهہ جي ڪوري آ

☆☆☆☆

ڇڻ ڪي ٻار آهيون، ضد جي گهوڙي تي
ٻئي سوار آهيون

☆☆☆☆

منهنجي پريميڪا، توکي پڙهان وينو
آهين چڙ گيتا.

☆☆☆☆

قول قلارئا َهنِ، ڪنهنجا نيڻ وري
ٿيا نيسارا َهنِ

☆☆☆☆

شاعريءَ جا پنچي، ڪڏهن ڪبوتر ۽
ڪڏهن هن ڪٽيجي

☆☆☆☆

پَتڪيل چارن تي، نظر رُلي ڪنهنجا
پهتا تارن تي.

☆☆☆☆

لهرون پاڻيءَ ۾، َسوَ ڪهاڻيون هن
هڪ ڪهاڻيءَ ۾.

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

ڪنهنجي لاءِ جيئون، بهتر اهو آهي تہ
ڪوڙو زهر پيئون

☆☆☆☆

جيون بيو ڇاهي، ڦلو آ سگريٽ جو
وسٽو جو آهي

☆☆☆☆

توکي وسارڻ جي، ڪوشش مان تو ڪيان
پاڻ کي مارڻ جي

☆☆☆☆

ڪُوڙو نڪتو پيار، وکري پُرزا ٿي ويو
سپنن جو سنسار

☆☆☆☆

فقط منهنجو ٿئيم، صدقو گهرجي ڪونہ تو
خالص پيار ڏئيم

☆☆☆

سنڌي ٻوليءَ جي ناماري نقاد سائين الهداد ٻوهيي جو خيال آهي ته بهترين شعر اهوئي ٿي سگهي ٿو،جنهن ۾ شاعر جو پنهنجو تجربو سمايل هُجي،۽ شاعر جو ايياس تڏهن ئي ڪارائتو ٿي سگهي ٿو جڏهن اکين سان گڏ گهڻ پارا مشاهدا ڪندو هُجي.شاعر وشال امير جي شعري جاٿري مان به اها پروڙ پوي ٿي ته منجهس مشاهدي جي ڪمي ناهي تڏهن ته هُو ڪلاسيڪل صنف بيت سان به بهتر نياءُ ڪرڻ ڄاڻي ٿو. ۽ هُو هڪ بهترين شاعر سان گڏ بهترين انسان به آهي، جنهن ڪري دعا آهي ته ڌڻي پاڪ ٿل هميشه سنڌس اندر جي شاعر سميت سنڌس انهيءَ اوجاڳيل انسان کي جيئرو رکي (آمين).

نصرت پنهور

جهرنا/دوها (بيت)

☆☆☆☆

تون جا مُنهنجي سنڌڙي! تو ۾ مُنهنجو ساهہ
ها ها! اهو چاهہ، رهندو ڏينهن قيام تئين.

☆☆☆☆

گيت هي ڪسارا، منهنجا هن سارا،
ڪنهنجا سوپارا، آهن چند ليکا پرين!

☆☆☆☆

جاڳيل نيٽن ۾ ، سپنا سِرجيان ٿو،
توکي ارپيان ٿو ، جيون ڪُل منهنجي مني!

☆☆☆☆

ڪوري ڪاغذ تي ، رتيل آڱرين سان،
مان تو گيت لکان ، سونهن تنهنجيءَ تي اي سکي!

☆☆☆☆

ڪوي ڪاڳر تي ، لفظ وکيري جيئن،
منهنجا سپنا تيئن ، وکري ويندا او پرين!

☆☆☆☆

مڪليءَ مزارون ، اُجڙيل آهن جيئن،
ها ها هوبهو تيئن ، منهنجو گهر آهي پرين!

☆☆☆☆

ڏاڍا ٿهڪ ڏئي . اڄ ته ماڻ ڪلٺون،
شايد ڪين ملٺون.ڏار ٽيڻ ڪان پو، مني!

☆☆☆☆

شهر ويندس اڏري . سوچيم پنڇي ٿي،
ڳوناٽي چوري . پر منهنجا پَر پڇي وئي.

☆☆☆☆

سوچيم پٺي شهر ڏي . اڏري ماڻ وڃان،
شهري ڇوڪرين جي . وڃي سونهن پسان،
اڃان جو سنيران.ته هوش هليو ويو ڳوٺ ۾.

☆☆☆☆

سيئي شهر رجڻ جا- بند ٿيا حيلا .
منهنجي مسيحا. ٿي ڳوناٽي ڇرڪري.

☆☆☆☆

سرنهن جي ڦولار ۾ ڳوناٽي ڇوڪريءَ
مٿان منهنجي ڇار.وڃهي ورتا سونهن جا.

☆☆☆☆

گيت ڪي گوليون بم.گيت ڪيئي رابيل
ماتر پومي هيل.توڪي اريبون ٿو وڃان.

☆☆☆☆

آھي ساڌ ٻيلو، سنڌوءَ وچ ۾ جيئڻ
تنهنجي ڳل تي تيئڻ، لڳئين، ته ڪارو مني!

☆☆☆☆

ڪري تيل قليل، مون وٽ جو آئي
مونکان ڊِس وائي، سرجي ويئي سونهن لئه

☆☆☆☆

ٻُڌان پيو ته هيل ، مونلئه بيٺي آ
ڪري تيل قليل ، چوڪرِ پنهنجي در تي

☆☆☆☆

پِڳس بيٺي آئون ،وسندا رهيا مينهن
ٻالڪپڻ جا ڏينهن، نيٽين أپريا عڪس تي

☆☆☆☆

ويندي ٻار اسڪول ڏي، ٻينو ڏسان آنءُ
سڪي منهنجو هيانءُ، ساري نندپڻ ڏينهڙا

☆☆☆☆

ڪلاس روم ۾ ڊيسڪ تي، وينو ڇڻ آهيان
ڊرائنگ ٻُڪ ۾ ڪيئي پيو شڪليون ٺو ناهيان
ها ها ٺو يانيان ، ڪلهه ڪي اڄ جي روپ ۾

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

ڪيمسٽري ،فزڪس ۽ مئٿ جا حساب
ٻيا منهنجا خواب،حل نہ ٿيا مونکان ڪڏهن

☆☆☆☆

فزڪس جا حساب تہ ،هرگز نہ آيا
مون مٿان ڇانيا، هرپل رهي شاعري

☆☆☆☆

اسپيلنگ ورڊ جي نہ ڪڏهن مون آئي
مارون ڪيئي ڪائي ،تڏهن ٻي پڙهندو رهيم.

☆☆☆☆

ت سان ڇيم تسليم ، پ سان مونکي پيار
آهيان آنءُ تيار،ڪٽي پٽر هٽو دوستو!

☆☆☆☆

ڪيڏي سندر رات ، چانڊوڪيءَ ڇلڪو،
تارن جو رلڪو،ڇڻ وڇايل آڪاش تي.

☆☆☆☆

تنهنجو ساٿ مني! ، چانڊوڪيءَ احساس،
آهي وڇوڙو نياس ، شل نہ ٿنگجان ان تي.

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

الف اڪيلو آنءُ ، هيڏن ماڻهن وچ ۾ ،
ڇڇي منهنجو هنيانءُ ، سوچي چنڊ تہ ناهيان.

☆☆☆☆

تارا تا چنڊ کي ، ڪيڏي سونهن ڏين
پِيا تا تين ، باراتي هر رات جو.

☆☆☆☆

جوين-ٻالڪپڻ جون ، ياد اچن ڳالهيون،
پريل چڙهڻ تالهيون ، چمڪن موتي سج تي.

☆☆☆☆

نيڻن جي اسڪرين تي ، شڪليون اڀرن تيون،
ننڍپڻ کان روائيندڙ تي، گهڙيون گذرن تيون،
اسڪول کان ڪاليج تائين، اچي نڪرن تيون،
مُور نہ وسرن تيون، ڳالهيون پيڙا پيار جون.

☆☆☆☆

جوانيءِ جي رُت کان اڳتي وڏون تا،
پيا ڏسون تا، پيري پنڌ آ موت جو.

☆☆☆☆

لچي پُچي رات جو شاعر لکن تا،
جذهن لڏن تا ، ڏاڙهون پچي ڏات جا.

☆☆☆☆

ماڻهو شڪل شبيهه ۾،آهي هونئن آسان
هُنجا سپنا سادڙا،پرا ڏکيا جيئن آسمان
سپنن ئي انسان،مشڪل ڪيو آ سمجهه کان

☆☆☆☆

قلم کڻي دوستو، امن لئه سوچيو،
ذهنن ۾ پوکيو،پوکون رڱو پيار جون

☆☆☆☆

رستو شهر ۾ ڳوٺ جو وچ تي بينل مان
سوچيان تو تہ ڪٿان،ساڀيان ملندي خواب کي

☆☆☆☆

سونهن ڳوناٺي شهر ۾ گم تي وئي آهي
منهنجي دل چاهي ،مان بہ وڃان شهر ڏي

☆☆☆☆

هير ئي سچي ڳوٺ کان رُسي وئي آهي
خوشبوءِ جو ناهي ، گهر ۾ تنهنجي ساهہ جي

☆☆☆☆

توبن سرنهن گل يي، ڪونہ رنگن تا
ٻڄي وڻ ڇلڀ ڇڻ مونکي ٽنگن تا
رستا ڏنگن تا، پيا هي سڄي ڳوٺ جا.

☆☆☆☆

تون جو ناهين او مني!، ڳوٺ ۾ ڇاهي؟
شهر ۾ آهي ،تو سنگ ساري روشني.

☆☆☆☆

ويران رستا ڳوٺ جا، ۽ مان ويڳاڻو
جلان تي راڻو، ٻڇي مومل ڏاگهہ تي.

☆☆☆☆

سپنا منهنجا پنڌ ۾، سڄي رات ڏکن
ساڀيان لئہ تا ڳوٺ ۽ شهر منجهہ رُلن
شل نہ سي تڪجن، پيرا ڪٽندي پيار جا

☆☆☆☆

ٽپيل رهي ذات سان زندگيءَ جو تاڻُ
وسامان جي آنءُ، قلم ھجي هٿ ۾.

☆☆☆☆

ڪرفيو ٿهڪن تي لڳل، گونگي هر زبان
اڙي او انسان!، هي ڇا توکي تي ويو؟.

☆☆☆☆

پيرا اڳيان سونهن جا، پويان پوياڻ آنءُ
زندگيءَ جو تانءُ، ڪتندو انهيءَ پنڌ ۾.

☆☆☆☆

زندگي آ توبنا، رڄ جو ڇڻ احساس
وري تنهنجو واسُ، گيت گلابي مند جو

☆☆☆☆

چانڊوڪي ۾ واريءَ جا، ذرڙا ايئن چمڪن
ستارا ٽمڪن، ڇڻ ڪي ڌرتيءَ جهول ۾

☆☆☆☆

رات ٿڌيري چانڊنيءَ ، چميون ڏنيون پئي
اسان تنهنجي وئي، جاڳي گذاري راتڙي

☆☆☆☆

رَليو رنگ سِندور جو، لهرون جلترنگ
توءِ گوري انگ، خوشبوءِ سنڌو تي ويو

☆☆☆☆

وهنجي چاور هينان، آهي نڪتي هوءَ
بدن جي خوشبوءَ، واسيو آ ماحول کي

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

چانڊوڪيءَ جهڙا اوڙهيا، چُنيءَ ريتا رنگ
گوري تنهنجا انگ، آرسي آ سونهن جي
☆☆☆☆
خوشبو ڪاڪ ڪنڌيءَ جي ، اسان جياپو
مومل جو نياپو، ته راڻا وساري تو ڇڏيو
☆☆☆☆
ڏاڙهونءَ گل ڦلارئا، مينديءَ ڪئي مهڪار
پرين تنهنجي سار ، وجهي وڌ وجود
کي
☆☆☆☆
مينهوڳيءَ جي مند ۾، چمون پئي ڇٽيا
اسان تي وٺيا، ساجن تو سنگ ڏينهڙا
☆☆☆☆
پٽائيءَ ، سچل سان وينل شيخ اياز
سنگ سُر ساز ، سرمد ڳائي تو پيو
☆☆☆☆
اکيو رُت رُنيون ، ڇڇي پيو ساز
سرمد جو آواز، گونجي اتيو ذهن ۾

☆☆☆☆

سامهون ڳائي وينو مون ، رڳون تيس رباب
تاريخن جو باب، ڪيئن وساري تو سگهان؟

☆☆☆☆

سرمد! نئون ڏنو تو، موسيقيءَ کي موڙ
اڃا تنهنجو جوڙ، پيدا ٿيو نه ڏيهه ۾

☆☆☆

ٽرئفڪ روڊ حادثو، موت ڪيو شڪار
البيلو فنڪار، يادون ڏيئي ويو هليو

☆☆☆☆

سرمد! ساٿ تنهنجو ، وسري ٿي نٿو
اڃا ڏسان تو، توکي گڏ مان پاڻ سان

☆☆☆☆

سال نئين ۽ ملينيم ۾، هجون سڀ آزاد
پنهنجو پيار ۽ پنهنجي ڌرتي، عالم سڀ آباد

☆☆☆☆

سال نئين ۽ ملينيم ۾، شال نه رهي ڏک
هرهڪ چهرو گل تي مهڪي، پوريٽ بڻجي سُک

☆☆☆☆

نئون ملينيم ترلڻ مونلڻ، آئي خوشبوءَ واس
تنهنجو منهنجي پيار مٿان ٿئي، قائم شل وشواس

☆☆☆☆

نئين صديءَ ۾ شل هي اُجڙن، ميزائل، ايٽم بم
دنيا ساري ڀڪي پئي ۽ ڪٽي خوشيءَ جو دم

☆☆☆☆

سال نئين ۾ پوري ٿئي شل! منهنجي هڪڙي آس
پيار سان منهنجي دل بنجر جي، اُجهي اُجهائين پياس

☆☆☆☆

تنهنجي جواني گل جي مُکڙي، پتيون سارا انگ
نئون ملينيم آڻي تولئه، شل خوشبوءِ ۽ رنگ.

☆☆☆☆

ڏات واري ڏيهه مان، مون پئي چنا گيت
مونکي منهنجا ميت، ڪندا لڳا ڪيترا

☆☆☆☆

سپنن سندو موت ۽ يادن وسڪارا
ڏسن نظارا، ننڊون بيهي ڏور ڪان

☆☆☆☆

چانڊوڪيءَ جي چانو ۾، وينو جاڳان ٿو
مونکان الائي ڇو؟ ننڊ رُسي وئي ڏور آ

☆☆☆☆

پنج فوٽ ڇهه انچ ، قبر ڪوٺن تا
سپنا مري ويا، اکين سان گڏ اوچتو

☆☆☆☆

پينٽر لڱ برچ ۾ رنگ اڻاڻو
فلسفي مانو ڳوڙهي ڪنهن ويچار ۾

☆☆☆☆

پٽري نينهن جبل تان ڪرندي جو آئي
چير چمڪائي، گوريءَ چرڪي سانت ۾

☆☆☆☆

گوري ويهي ڪٽ تي، وار سنواري ٿي
چڻ ٻهاري ٿي، سپنا اڱ ۾ ننڍ ڪان

☆☆☆☆

چانڊوڪيءَ ۾ سانوري، سنوري جو نڪري
ٽيڙن پنيان چانو لڱ ڪَتي پي اُيري
رات سڄي گذري، سجدا ڪندي سونهن کي

☆☆☆☆

سپنا وارن چانورو، ساپيان جي هئي آس
ڪٽي پاند نراس، وڃان پيو رُڄ ڏي

☆☆☆☆

سونهن، وستي سُک جي، ڳولڻ نڪرن ٿا
رستا ڪنڊاوان هلي، تن تي چچرن ٿا
سپنا اُيرن ٿا، پوءِ ٻہ ٻڻجي سوجهرو

☆☆☆☆

چهرو روشن چنڊ ۔ تر تي تاري جيئن
مرڪن وارا مينهن، شل وسائين سانوري!

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

☆☆☆☆

ڀورا ناسي ڪپڙا ، گهرا ڪارا نيڻ
وڃهي وئي ويڻ، گوري مونکي پريت جا

☆☆☆☆

رسيل چمون چپ ، تنهنجي چاتي آ
نيٽن پوپٽ تا، اڌري چمن سي سکي!

☆☆☆☆

پنڊت ، ملان ويهي تا، ماٿهو ويڙهايو
بلاول ، منصور کي ڦاهيءَ چاڙهايو
توهان جت چاهيو، امن رتوچاڻ تئي

☆☆☆☆

جيون جي آڪاڙ ۾ ، تون چڻ بڙ جي چانو
تاڪيل تنهنجا نانو، آهن دل آڪاس تي

☆☆☆☆

ڳوڙها منهنجي موت تي، ڪين ڳاڙجو
گل نه چاڙهجو، منهنجي قبر تي اچي.

☆☆☆☆

منهنجي قبر تي ، لکجو هي ضرور
ڪڏهن پي سُرور، پاتو هن نه پيار ۾

☆☆☆☆

سرنهن جي ڦولار ۾ تڏڙيون هوائون
منهنجون دعائون، رکج قائم سونهن کي

☆☆☆☆

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

قتل ڪيڏو ماٺيپو ڪري ٿو هي ناٺُ
ڏِسي تو پيڳوانُ، وِڙهن پيا آدمي.

☆☆☆

مُرڪي هڪڙو پل ملياسين،جا سو پيار هُيو
جيڪو ساري جيون لئہ آ، ٻنجي روڳ ويو.

☆☆☆☆

تنهنجون يادون هوريان هوريان سُري مونڏي اچن
نيڻن ڍنڍ مان پکين وانگي، نندون پڙڪي وَڃن.

☆☆☆☆

تنهنجي خيال ۾ گُم رهي ،خوش تو آئون رهان
ٻاهر نڪري هڪ پل تنهن ڪان، ڦنڪا چڻ تہ سهان

☆☆☆☆

تنهنجي ياد پوپٽ وانگي اڏري مونڏي اچي
منهنجي من ۾ پيار تو تولئہ، ٻنجي مورُ نچي.

☆☆☆☆

پيار ڪان خالي بي رنگ جيون ،بلڪل ڪين وٽي
هاٺي مونکي ڇٽڻ گهرجي، جيئن تو ٻورُ ڇٽي.

☆☆☆☆☆

جهڙا هُو ڏِسُ رنگ برنگي پوپٽ اڏرن تا
تهڙا اڄڪلهہ خودڪشيءَ جا خيال اُيرن تا

☆☆☆☆☆

ان ڪان اڳ جو سيلاب ٻنجي، ٻوڙي وجن مون
خواب اکين ڪان، ذهن ڪان يادون، کسي وڃ پنهنجون.

☆☆☆☆☆

ريشم جهڙا خواب

(شاعري)

وشال امير

Wishal Ameer, you be written a remarkable poetry, which is indeed different yet encompasses the most sensitive feelings of love in oneself, hidden and prevailed in a human being through ages.

I feel great to say that, the subject of beauty, love and pain are so widely used in poetry by number of poets in their main themes, but your attempt to justify your talent has stood out in the creative work-you've produced.

Most important is that, it is believed that one, who goes through interpreting these most delicate aspects of human life, gets closer to the interpretation of oneself and then the supreme Almighty's, love and thus the purpose of life.

Congrats you are on to it. Wish you good luck.

MARIAM SHAIKH
Hyderabad Sindh

sindhsalamat.com. books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ٻاڙي، ڪاٺو، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چار ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آس رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَ ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجھَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موتي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن........

... ...

ھي بيتُ اَٿي، ھي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنھن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ ”ھاڻي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آھي.

پَڙَن جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
> - اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book